# پنهنجي وارن جي حوصلا شڪني ڪريو!

## پڻ سخت گناهه آهي



اڳ ۾ مڻ مائٽ پوءِ درويش - مالي مدد جا حقدار توهان جا لاچار ۽ بي سهارا عزيز رشتيدار ۽ پاڙيسري آهن يا اهي ذهين شاگرد ۽ ضعيف ۽ معذور ماڻهو جيڪي مالي مشڪلاتن جا شڪار آهن. پر گهرڻ جي عادت ڪونه اٿن. انهن جو حق نه ماريو.

**اسٽيٽ لائيف - اعليٰ معاشرتي قدرن جي فروغ لاءِ ڪوشان آهي.**

اسٹیٹ لائف کی بیمہ پالیسی۔ ایک تابندہ روایت نسل در نسل

اسٹیٹ لائف

انشورنس کارپوریشن آف پاکستان

---

اپنی بیمہ پالیسی کا واجب الادا پریمیم بروقت ادا کیجئے تا کہ معاشی تحفظ برقرار رہے۔

ARGUS ■ PID (K) 1140/03

# ماڻهو جيڪي مرڻا ناهن




اسان جو پيارو ساٿي ۽ ماهوار ويڄ جو سيڪريٽري ايڊيٽوريل بورڊ ڊاڪٽر شمس سومرو هن مهيني 13 تاريخ تي اسان کان هميشہ هميشہ لاءِ وڇڙي ويو. ڊاڪٽر شمس جتي هڪ اديب، شاعر، نقاد ۽ اعليٰ پائي جو ڄاڻو هئو، اتي هڪ محنتي ۽ جفاڪش انسان پڻ هئو.

ڊاڪٽر صاحب ماهوار ويڄ جي بنيادي ميمبرن مان هڪ هئو ۽ سندس خدمتون ماهوار ويڄ توڙي سنڌي ۾ سائنسي لغت جي اصطلاحن جوڙڻ لاءِ ڪڏهن بہ وسارڻ جوڳيون نہ آهن.

شمس جنهن کي اسان سڀ پائو شمس ڪري سڏيندا هئاسين اڄ بہ اسان جي دلين ۾ زنده آهي ڇوتہ سندس ٻولي لاءِ ڪيل خدمتون سنڌي ٻولي جي جياپي ۾ وڏو ڪردار ادا ڪنديون رهنديون.

اچو تہ گڏجي ڏٽي تعاليٰ کان سندس مغفرت لاءِ دعا گو ٿيون.

— ادارو

# LETTERS TO THE EDITOR

# اوهان جي راءِ ۾

## پڙهندڙن جا خط

### پنهنجي پاران

”ويچ“ جي ساٿين، قلمي سهڪار ڪندڙن ۽ مهربان پڙهندڙن کي گذارش ڪجي ٿي تہ ”ويچ“ ۾ بجاءِ تعريفي خط شايع ڪرڻ جي، اسان کي خوشي ٿيندي جيڪڏهن ”ويچ“ جا پڙهندڙ مواد جي مناسب واڪاڻ ڪرڻ سان گڏ، اسان جي خامين ۽ ڪوتاهين ۽ پنهنجي مثبت تجويزن کان بہ اسان کي آگاهہ ڪندا رهن. ”ويچ“ اوهان ۽ اسان سڀني جو رسالو آهي. ان جو مکيہ مقصد عام صحت جي واڌاري ۽ سڌاري بابت ڄاڻ ڏيڻ آهي. اميد تہ ان ڏس ۾ اوهان جو تعاون جاري رهندو.

**— ادارو**

**1. ٽائيٽل خوبصورت لڳو.**

ايڊيٽر صاحب ويچ هڻن آهي. هن ڀيري ٽائيٽل ايترو پرڪشش ۽ خوبصورت آهي جو اسٽال تي لڳل. سڀني رسالن ۾ نمايان نظر اچي رهيو هو نہ صرف ٽائيٽل بلڪ مواد بہ بهترين هو. خاص ڪري ڊاڪٽر زمان جو انٽرويو. مڇي ختم ٿي رهي آهي ۽ ڌيابطيس تي ٻيا مضمون معلوماتي هئا. لڳي ٿو تہ محنت وڏيڪ ٿي رهي آهي، اميد تہ ان کي برقرار رکندا.

راشد حفيظ (شڪارپور)

*جواب: انشاءَالله.*

**2. انٽرويو سٺو لڳو.**

ادا هن ڀيري ڊاڪٽر زمان جو انٽرويو ڏاڍو وڻيو. اميد تہ آئينده بہ اهڙن ناميارن ماڻهن جا انٽرويوز ڏيندا رهندا.

جويريہ هيسباڻي (حيدرآباد)

*جواب: ادي اوهان جي تجويز مطابق ٻيو انٽرويو بہ حاضر آهي.*

**3. تصويرون وڌايو.**

سائين ايڊيٽر صاحب ويچ ماڻهن کي ڪافي معلومات ڏئي رهيو آهي پر ويچ ۾ هڪ خرابي اها آهي جو رسالي اندر ٻين هيلٿ رسالن نسبت تصويرون گهٽ هونديون آهن يا تہ ايتريون اٽريڪٽو نہ هونديون آهن. ڪارٽون جو سلسلو البتہ ڏاڍو وڻيو. اميد تہ تجويز کي شايع ڪيو.

ناصرالدين (جيڪب آباد)

*جواب: ادا اوهان جي تجويز چيچجي وئي اسان کي خوشي ٿيندي آهي. جڏهن ڪو اصلاحي تنقيد ڪندو آهي. اميد تہ آئينده بہ رسالي تي گهوڙهي نظر رکندا باقي جيستائين تجويز جو تعلق آهي تہ اسان آئينده خيال ڪنداسين اصل ۾ گليمر ميگزين ۾ تہ ڪاٻہ تصوير هٽبي نهي ويندي پر صحت رسالي ۾ ڪاٻہ تصوير ڏيڻ کان اڳ ڪجهہ ڳالهين جو خيال رکڻو پوندو آهي. بهرحال ڪوشش ڪبي.*

**4. ويچ جا ليکڪ وڌايو.**

بعد سلام عرض تہ ويچ سنڌي پڙهندڙن لاءِ هڪ اداري جي حيثيت رکي ٿو پر ان ۾ ليکڪن جي ورائٽي نظر ڪانہ ٿي اچي ان ڪري ليکڪن جي قطار کي وڌايو تہ بهتر ٿيندو.

علي ارسلان (لاڙڪاڻو)

*جواب: ادا اوهان جي ڳالهہ صحيح پر اوهان کي تہ خبر آهي تہ سنڌي ۾ لکڻ پڙهڻ وارا ماڻهو تمام ٿورا آهن. خاص ڪري لکڻ وارا ۽ وري صحت متعلق لکڻ وارا تہ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا آهن. عام ماڻهو ان ڪري نٿا لکن تہ شايد ان ۾ صرف ڊاڪٽر لکي سگهن ٿا. ڊاڪٽر حضرات وري پنهنجي ڪمن ڪري لکڻ کي وقت نٿا ڏين ان ڪري تعداد ٿورڙو آهي. بهرحال جس هجي انهن دوستن کي جيڪي وري بہ ويچ لاءِ وقت ڪڍي ٿا ۽ اميد ٿي ڪجي تہ سنڌ جي ڪنڊڪڙچ مان نہ صرف ڊاڪٽر بلڪ عام ماڻهو بہ ويچ لاءِ لکندا. اسان ڪين ڀليڪار ڪنداسين.*

**5. ويچ هيلٿ پروموٽرز جي لسٽ جاري ڪيو.**

ايڊيٽر صاحب ڪجهہ وقت اڳ مون اوهان ڏانهن ويچ هيلٿ پروموٽرز فورم جي ميمبرشپ جو فارم ڀري موڪليو هو. پر نہ تہ منهنجو نالو ميمبر شپ ۾ شامل ڪيو ويو نہ رسالي ۾ لسٽ جاري ڪئي وئي جيڪڏهن اهو سلسلو بند ڪيو ويو آهي تہ پوءِ رسالي ۾ وري وري فارم ڇو پيا ڏيو.

نندلال (ڪنڌڪوٽ)

*جواب: ادا اوهان جو ۽ ڪجهہ ٻين دوستن جو فارم اسان کي ملي چڪو آهي ۽ اسان اوهان کي ميمبر ڪري ڇڏيو آهي پر اڃا ٿورا هجڻ ڪري اها لسٽ رسالي ۾ نہ ڇاپي وئي آهي. اوهان اميد رکو جيئن ئي ڪجهہ ٻيا فارم پهچندا اسان لسٽ جاري ڪري ڇڏينداسين.*

# آهه شمس سومرو

ماهوار ويچ جو سيڪريٽري ايڊيٽوريل بورڊ، سنڌي ادبي سنگت جو اڳوڻو سيڪريٽري جنرل برک اديب، نقاد ۽ ڏاهو ڊاڪٽر شمس سومرو هلندڙ مهيني جي 13 تاريخ صبح جو 3 وڳين ڌاران اسان سڀني وٽان هميشه هميشه لاءِ موڪلائي ڌار ٿي ويو.

بيشڪ هن فاني دنيا کي هر ڪو ڇڏي هليو ويندو. هونئن ته هر انسان جو هن دنيا کي ڇڏڻ عام معمول هوندو آهي پر ڪي ڪي انسان اهڙا هوندا آهن، جيڪي پنهنجي علم، عمل، اخلاق ۽ روش جي آڌار تي مري ڪري به زنده رهندا آهن ۽ ڪنهن زماني تائين ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪندا رهندا آهن. شمس سومرو به انهن انسانن مان هڪ هئو. سندس علم ۽ ادب وارو پهلو ته هر ڪنهن کي ياد رهندو پر جيڪي سندس ويجها هئا اهي سندس اخلاق، آدرش، پيار ۽ محبت کي ڪڏهن به نه وساري سگهندا.

شمس سومرو ماهوار ويچ جي اشاعت جي پهرين شماري کان وٺي هيل تائين سيڪريٽري ايڊيٽوريل بورڊ جي حيثيت سان ڪم ڪندو رهيو. اهو سندس ئي ڪمال هوندو هو جو اسان ڊاڪٽري جي ڏکين کان ڏکين اصطلاحن کي سولي سنڌي ۾ پيش ڪري سگهندا هئاسين. نه صرف ايترو پر ويچ ايڊيٽوريل اسٽاف ۾ ڪم ڪندڙ سڀني ساٿين هن آدرشي انسان کان گهڻو ڪجهه سکيو. هو ويچ جي بنياد رکندڙ دوستن مان هڪ هئو. سندس ماهوار ويچ لاءِ لکيل مضمون پڻ پڙهندڙن پاران ڏاڍا پسند ڪيا ويندا هئا. اسان هن مهيني سندس ياد ۾ سندس هڪ پراڻو مضمون وري شايع ڪرڻ سان گڏ، سندس يادگار تصويرون پڻ شايع ڪري رهيا آهيون جن جي پڙهڻ ۽ ڏسڻ سان اسان جا پڙهندڙ کيس دل سان ياد ڪري سگهندا. آخر ۾ ڌڻي تعاليٰ کان دعا آهي ته کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي.

# ڪجهه هن شماري جي باري ۾

ويچ پنهنجي پراڻي روايت برقرار رکندي هن ڀيري وري ايڊز ڏينهن جي حوالي سان خاص اشاعت ڪڍي رهيو آهي، جنهن ۾ پڙهندڙن جي معلومات لاءِ سنڌ ايڊز ڪنٽرول پروگرام جي صوبائي مئنيجر ڊاڪٽر شرف علي شاهه جو انٽرويو ۽ ٻيو معلوماتي مواد پيش ڪري رهيا آهيون. اميد ته پڙهندڙ ان مان لاڀ حاصل ڪندا.

- ادارو


COLLECTION 2002
SHABNAM
LAWN
100% American Cotton
TEXTILE MILLS

۾ 80 سيڪڙو ڪان مٿي هيروئيني هيپاٽائيٽس سي جا مريض آهن. هيپاٽائيٽس/نشي وارن ڪانسواءِ عام ماڻهو ۾ به ڪافي وڌي رهيو آهي، تنهن ڪري هر ماڻهوءَ کي اها ڄاڻ هئڻ ضروري آهي ته هيپاٽائيٽس بي هجي توڙي سي يا وري ايچ آءِ وي انهن سڀني جي ڦهلجڻ جا سبب مڙئي ساڳيا آهن. هاڻي ڪرڻو اهو آهي ته اسان جا نوجوان جيڪي هيروئين جا عادي بڻجي چڪا آهن انهن جي هيروئين مان جان ڇڏائجي ۽ سندن جسم مان هيروئين جا زهريلا اثر علاج ذريعي ختم ڪن ۽ اهو ايڊز ڪنٽرول پروگرام جي ذميوارين ۾ نٿو اچي پر اها اسان جي گڏيل ذميواري آهي.

**ويڄ:** توهان جيڪي ايچ آءِ وي جا ڪيس لڌا آهن انهن جي هسٽري مطابق اسان جي معاشري ۾ ايچ آءِ وي جو ڪارڻ جنسي ڇڙواڳي وڌيڪ آهي يا بلڊ ٽرانسفيوين يا وري نشي جي عادت؟

**ڊاڪٽر شرف علي شاهه:** ايچ آءِ وي ڦهلجڻ جو نشي جي عادين ۾ ٽرينڊ اسان نئون لڌو آهي ۽ ان جي سڄي پاڪستان ۾ سڀ کان اول اسان نشاندهي ڪئي آهي. ايڊز جو پهريون ڪيس پاڪستان ۾ 1986ع ۾ ٿيو آهي ۽ ان وقت کان وٺي جون 2003ع تائين پاڪستان ۾ اهي ڪيس ان ڪري ٿيندا هئا جو اسان جي ملڪ جا اٽڪل ٽي چار ملين ماڻهو ٻاهرين ملڪن ۾ ڪم ڪن ٿا خاص ڪري گلف ڪنٽريز ۾ ۽ اهي جڏهن وطن واپس وريا ته انهن ۾ جنسي لاڳاپن ڪري ايڊز ظاهر ٿي جن وري پنهنجي گهر وارين توڙي ٻين کي ان مرض ۾ مبتلا ڪيو پر هن سال نشي واپرائيندڙن ۾ نئون ٽرينڊ لڌو آهي. نشي واپرائيندڙن ۾ هوندن به اهو خطرو وڌيڪ هوندو آهي. خاص ڪري جيڪي سُئي جي ذريعي نشو واپرائين ٿا. جون 2003ع کان ڊسمبر تائين اسان لاڙڪاڻي ۾ 34 ڪيس ڊائگنوس ڪيا آهن جن ۾ 30 نشي جا عادي آهن ۽ چار ٻيا آهن. پر اهو سڄي پاڪستان ۾ سلسلو هوندو ڇو ته نشي جا عادي رڳو لاڙڪاڻي ۾ نه پر سڄي ملڪ ۾ آهن. اهو ته اسان جو اثرائتو ۽ ڪارائتو پروگرام آهي جنهن سڀ کان اڳ نشي جي عادين ۾ ايچ آءِ وي ڳولهي لڌو. اسان هن سال سڄي سنڌ ۾ 29 هزار ماڻهن جا ٽيسٽ ڪيا آهن، جن ۾ ست هزار قيدين جا ٽيسٽ به شامل آهن. لاڙڪاڻي ۾ اسان ڏٺو ته پشاور، لاهور، ڪوئيٽا توڙي حيدرآباد ۽ ٻين شهرن جا نشئي به نظر آيا جڏهن اسان پڇيو ته هي ماڻهوءَ هتي ڇو آيا آهن ته جواب مليو ته هتي هيروئين آساني سان ملي وڃي ٿي.

**ويڄ:** لاڙڪاڻي ڪانسواءِ ٻين شهرن ۾ جيڪي اوهان ٽيسٽ ڪيا اتي ڪيترا نشي جا عادي ايچ آءِ وي پازيٽو مليا؟

**ڊاڪٽر شرف علي شاهه:** اسان کي اهو ئي خطرو هو پر الله جي مهرباني سان اهو نه ٿيو. ڪراچي جي گهٽين ۾ اسان عيسىٰ نگري ۽ برنس روڊ تي اٽڪل 300 هيروئينين جي ٽيسٽ ڪئي ڇو ته اهي به سُئي رستي نشو ڪندا آهن پر انهن مان هڪڙو ايچ آءِ وي پازيٽو مليو ۽ اهو به لاڙڪاڻي جو هو. سکر جيل ۾ اسان 1600 ٽيسٽ ڪياسين جن مان 2 پازيٽو مليا. ڪراچي جي جيل ۾ اسان کي 3 پازيٽو مليا پر اهي هيروئيني نه هئا. اسان گهٽيون ئي رڙيون ڪيون آهن پر ايا تائين پاڪستان جي ڪنهن ٻئي شهر مان ڪا اهڙي رپورٽ ڪانه آئي آهي. شايد اتي ٽيسٽ ئي ڪونه ٿيا آهن ته خبر ڪٿان پوي.

**ويڄ:** اوهان جي هن پروگرام يا اداري جون ڪراچي ڪانسواءِ سنڌ جي ٻين شهرن يا ضلعي ليول تي ڪي شاخون آهن. جيڪڏهن ناهن ته پوءِ ان لاءِ ڪو پروگرام آهي؟

**ڊاڪٽرشرف علي شاهه:** اتي اسان جون ڪي شاخون ڪونهن پر اسان جو جيڪو ڪم ڪرڻ جو طريقو آهي اهو حڪومت سنڌ جو هڪڙو پروگرام آهي جنهن کي وفاقي حڪومت جي ۽ گڏيل قومن جي ايجنسي جي سپورٽ آهي ۽ هاڻي ته ورلڊ بينڪ به هن سال سهڪار ڪندي. معاهدو هن سال ٿيو آهي. ان مطابق اسان جا جيڪي به حڪومتي ذريعا آهن انهن کي اسان يوٽيلائيز ڪنداسين. جيئن هاڻي لاڙڪاڻي ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ اسان جو ٽيسٽنگ جو سينٽر آهي. اهي اسان جا ايمپلائيز ناهن بلڪ اهي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جا ايمپلائيز آهن يا جيڪي پيٿالاجسٽ آهن اهي اسپتال جي ايم ايس جي ذريعي مقرر ٿيندا آهن. انهن کي اسان ٽرينڊ ڪندا آهيون. انهن کي اسان ڪٽس ڏيندا آهيون انهن کي انسٽرومينٽس ڏيندا آهيون ۽ انهن کي چوندا آهيون ته اوهان ٽيسٽ ڪيو. اهڙي نموني سکر ۾ حيدرآباد م ۽ ٻين شهرن ۾ ڪل 22 سينٽر اهڙا آهن جتي اسان ماڻهن کي تربيت ڏني آهي ۽ سامان ڏنو آهي اسان اهي ڪٽس فزيشنس ۽ پيٿالاجسٽ کي به ڏنا آهن. اهي ٽيسٽ ڪندا آهن رپورٽ ڏاهي ايم ايس کان ڪائونٽر سائين ڪرائي هر ٽئين مهيني بعد اسان کي موڪليندا آهن. انهن کي اسان اَپ ڊيٽ ڪندا رهندا آهيون. ٻئي اسان جون ايس ٽي ڊي ڪلينڪس به آهن يعنيٰ جيڪي جنسي بيماريون آتشڪ، سوزاڪ گونوريا ۽ ٻيون بيماريون آهن. انهن جي لاءِ هر ضلعي ۾ اسان به ۾ ڪلينڪس قائم ڪيون آهن. پهريان 21 ضلعا هئا جن ۾ اسان 42 ڪلينڪس قائم ڪيون. اهي اسان سڀ سرڪاري اسپتالن جيئن حيدرآباد آهي اتي ايم ايس کي اسان چيوسين ته به موزون ڊاڪٽر هڪ ليڊي ۽ ٻيو مرد اوهان مقرر ڪيو جن جي اها ڪرائٽيريا هجي انهن کي ٽرينڊ ڪنداسين ته اهي اتي معلومات فرهام ڪندا. هڪڙو اهو به اسان جو انفرا اسٽرڪچر آهي. هاڻي اوهان ان کي اسان جون شاخون سمجهو يا ان کي ڪم ڪرڻ جو طريقو سمجهو. ان ڪانپوءِ پرائيويٽ سيڪٽر خاص ڪري اسان فيملي فزيشنن تي ڌيان ڏنو آهي ڇو جو اسان جو هيلٿ ڪيئر سسٽم ڏسو ته مريض جو پهريون واسطو فيملي فزيشنن جي ذريعي ٿيندو آهي ڇو جو اهو ڪميونٽيءَ جو ڪم ڪري ٿو. ان تائين پهچڻ آسان آهي اسان اٽڪل سڄي سنڌ ۾ 5 هزار فيملي فزيشن ٽرينڊ ڪيا آهن. جنسي بيمارين جي علاج ڪرڻ ۽ ايچ آءِ وي کي ڊائگنوس ڪرڻ لاءِ. ان ڪانسواءِ اسان سان 70 جي لڳ ڀڳ اين جي اوز ڪم ڪن ٿيون. جن کي اسان ٽرينڊ ڪيو آهي. جن کي اسان سپورٽ ڪندا آهيون. پر هاڻي اسان جو طريقيڪار ٿورو مٽجي ويو آهي ته هاڻي اهو ڪانٽريڪس تي ٿيندو اسان

ڪانٽريڪٽس ڏينداسين جيئن هاڻي ۾ ڪانٽريڪٽ تيار ٿيا آهن ته سنڌ جي جيلن ۾ چئن شهرن جي جيلن ۾ ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻو ۾، ڪراچي ۾ چار جيل آهن. سکر ۾ ٻه جيل آهن. حيدرآباد ۾ ٻه جيل آهن. هڪڙو لاڙڪاڻي ۾ آهي انهن 9 ئي جيلن ۾ اسان اين جي اوز کي هڪڙو ڪانٽريڪٽ ڏنا ڏيون جيڪي قيدين کي سروس پيڪيج پهچائيندا يون، جو انهن کي ايڊز لڳڻ جو وڏيڪ خطرو هوندو آهي ته جيئن اهي اين جي اوز انهن جيلن ۾ وڃي ڪم ڪن ۽ انهن کي ايڇ آءِ وي/ايڊز بابت ڄاڻ ڏين. اهو ڪانٽريڪٽ اٽڪل فائنل ٿي ويو آهي. هاڻي اهي اتي سروسز ڊليور ڪندا ڇو جو اهي ٻه اهڙا طبقا آهن جن کي وڏيڪ رسڪ آهي پر اهي غير قانوني آهن اتي حڪومت ڪم نٿي ڪري سگهي جيئن سيڪس ورڪر آهن. سيڪس ورڪ غير قانوني آهي پر اهو اوهان ڄاڻو ٿا ته سڀ ڪجهه هلي ٿو. اهڙي طرح جيلن ۾ ماڻهو هم جنس پرستي ۽ نشو ٿا ڪن. اهو به غير قانوني آهي پر اهو ٿي رهيو آهي، ان ڪري اسان ان لاءِ اين جي اوز ذريعي هڪڙو پيڪيج پروائيڊ ڪنداسين. ان ڪانٽريڪٽ جو اشتهار به اخبارن ۾ اچي چڪو آهي ۽ مهيني کن ۾ اهو سائين ٿي ويندو ۽ جنهن کي اهو ملندو اهو ان لاءِ سروس شروع ڪندو.

**ويڄ:** اسان جي معاشري ۾ وڏيڪ متاثر ٿيندڙ ٻه گروهه آهن. هڪڙا ته سيڪس ورڪر پراسٽيٽيوٽ آهن ۽ ٻيا نشئي آهن انهن تي ته شڪ به ڪجي ٿو ۽ انهن جي ٽيسٽ به ڪئي وڃي ٿي پر عام پاپوليشن ۾ ڪي اهڙيون علامتون آهن جن کي ڏسي ڪري ڪنهن تي شڪ ڪجي ته هن کي ايڊز ٿي سگهي ٿي؟

**هن سال جو سلوگن آهي جيو ۽ جيئڻ ڏيو يعني پنهنجي پاڻ کي به ايڊز کان بچائجي ۽ ڪوشش ڪجي ته ٻيا ماڻهو به ايڇ آءِ وي/ايڊز کان بچن جيئن ڪو ماڻهو اڳوات ايڇ آءِ وي جو شڪار آهي ته اهو اها ڪوشش ڪري ته سندس وائرس انجي گهر واري، ٻارن يا ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ ۾ منتقل نه ٿئي ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ان وائرس ۾ مبتلا نه به آهي، لکيل پڙهيل آهي ۽ ڪيس ان وائرس بابت ڄاڻ آهي ته ان جو به اهو فرض آهي ته هو پنهنجي مٽن مائٽن ننڍن وڏن توڙي يارن دوستن تائين ان جي ڄاڻ ڦهلائي.**

**ڊاڪٽر شرف علي شاهه:** هن جون علامتون بلڪل ظاهر هونديون آهن پر ان وقت تائين دير ٿي ويندي آهي ڇو جو اهي وائرس لڳڻ جي 8 کان 12 سالن کان پوءِ ٿين ٿيون. ان لحاظ سان هي ٻين بيمارين کان مختلف آهن. 12 سالن تائين ماڻهو کي خبر ئي نه هوندي ته ڪيس ايڇ آءِ وي ٿي آهي. علامتون ظاهر ٿينديون ته خبر پوندس ۽ انهن جي ظاهر ٿيڻ ۾ 8 کان 12 سال لڳي وڃن ٿا. ان ڪري ايتري عرصي ۾ جيڪڏهن ڊائگنوس نه ٿئي ته خبر ناهي ڪيترن ماڻهن کي بيماري منتقل ڪري چڪو هجي. ان لاءِ ضروري آهي ته عادتن جي ذريعي ماڻهن کي ڳوليو يعني ايڇ آءِ وي انهن کي لڳندي. جيڪي اهڙين عادتن ۾ ڦاٿل هوندا جن جي ڪري ايڇ آءِ وي وائرس لڳي ٿو ته ان طريقي سان وائرس ڳولهي لهڻ کان پوءِ انهن ماڻهن جي ڪائونسلنگ ڪرڻ گهرجي، انهن کي سمجهائڻ گهرجي ته ڪين کهڙي بيماري آهي، ان جو تدارڪ ڪيئن ٿين کي ان کان بچائي سگهجي ٿو. ان لاءِ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته انفيڪشن ٿيڻ کانپوءِ ڪوشش ڪري مريض کي هڪ دم ڊائگنوس ڪجي ته جيئن سندس زال ٻئي ڪٽنب وغيره کي ان مرض کان بچائي سگهجي. ان لاءِ هر اهو ماڻهو جنهن جي عادتن ۾ شڪ هجي تنهن جي ترت ٽيسٽ ڪرائڻ گهرجي. جيئن ڪو ماڻهو چوي ته مان بئنڪاڪ ويو هئس ۽ اتي جنسي عمل ڪيو آهي يا ڪو چوي ته مان جيل ۾ هئس جتي هم جنس پرستي ڪئي آهي يا ڪنهن جي خبر پوي ته هن اڻ تپاسيل رت لڳرايو آهي يا استعمال ٿيل سرنج وري استعمال ڪئي آهي ته اهڙي ماڻهوءَ جي ٽيسٽ ٿيڻ گهرجي. سنڌ ايڊز ڪنٽرول پروگرام ٽيسٽ ڪرڻ لاءِ ڪوبه معاوضو وغيره ڪونه وٺندو آهي. ايڇ آءِ وي لڳڻ کان پوءِ ڇهن هفتن تائين ٽيسٽ ڪرڻ سان خبر پئجيو وڃي ته مريض کي جراثيم لڳا آهن. جڏهن ته پرائيويٽ سيڪٽر ۾ اها ٽيسٽ ڪرڻ لاءِ ٽي يا چار سؤ روپيا ورتا وڃن ٿا.

**ويڄ:** ايڊز لاءِ جيڪي دوائون اچن ٿيون انهن جي قيمت بابت ڪجهه ٻڌايو؟

**ڊاڪٽر شرف علي شاهه:** اهي دوائون ڏاڍيون مهانگيون اچن ٿيون پر ان ۾ دوائون ٻن قسمن جون اچن ٿيون. هڪڙيون ايڊز وائرس خلاف مخصوص علاج آهي، جنهن جون دوائون عام ماڻهوءَ جي وس کان ٻاهر آهن ۽ ٻيون اهي دوائون جيڪي ايڊز جي ڪري ٿيندڙ ٻين بيمارين لاءِ آهن جيئن ڊائريا يا ٽي بي وغيره ته انهن مرضن جو علاج سولو آهي. ايڊز جي مخصوص وائرس جون دوائون اڃا گورنمينٽ سيڪٽر ۾ نه آيون آهن. باقي پرائيويٽ سيڪٽر ۾ موجود آهن. جنهن جو مهيني ۾ 50 کان 60 هزار روپيا خرچ آهي. هاڻي گڏيل قومن جي جنرل سيڪريٽري طرفان هڪ گلوبل فنڊ پاڪستان کي ڏنو ويو آهي، جنهن هيٺ پاڪستان سرڪار کي 11 ملين ڊالر مليا آهن. جيڪو ٽي بي، مليريا ۽ ايڊز جي مريضن لاءِ هوندو ۽ اهي پئسا اين جي اوز جي معرفت خرچ ڪرڻا آهن جنهن










باري ۾ حقيقتن جي ڄاڻ هجڻ گهرجي ۽ اها ڄاڻ عام ڪريو. ايڊز جي باري ۾ ڪوڙ ڪي دٻائي ختم ڪريو ۽ ڪم واري جاءِ تي، ڪلب ۾ يا گهر ۾ اهڙي قسم جا ڪم ڪريو جيڪي ايڊز جي باري ۾ وڌيڪ سجاڳي پيدا ڪن. اهڙا ڪم ان مرض ۽ جهالت خلاف وڙهڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا. جيڪڏهن توهان سمجهو ته توهان خطري جي حالت ۾ رهي آهيو ته پنهنجي ڊاڪٽر سان رابطي ۾ اچو.

**سوال 41: ڇا ايڊز لاءِ ڪو علاج آهي؟**

جواب: نه ـــ في الحال ڪوبه علاج نه آهي ۽ نه ئي وري ٽڪا آهن. جن سان ماڻهن کي بچائي سگهجي. دوائون جيڪي هن وقت ترقي ۾ آهن اهي پڻ بيماري ٿيڻ ۾ تاخير ڪرڻ لاءِ آهن. اسين اُميد اها رکون ٿا ته ماڻهو مهل سان ڪو بندوسبت ڪري زندگيون وڌائين يا زندگيءَ جو معيار وڌائين ۽ شروعات ۾ ئي ڪو علاج وغيره شروع ڪن يا وائرس کي ختم ڪندڙ دوائون ۽ علاج استعمال ڪن ۽ اهڙيون دوائون واپرائين جيڪي حفاظتي نظام کي مضبوط ڪندڙ هجن.

**سوال 42: هتي ايڊز جي مريض لاءِ ڪو علاج ميسر آهي؟**

جواب: دوائن وسيلي علاج (Drug Therapy) جيڪو ايڊز لاءِ ايجا خاطر خواه نه آهي. پر اميدن جا ڪرڻا روشن آهن. ايترو ضروري آهي ته ان بيماريءَ کي وڌڻ ۾ رنڊڪ وجهي سگهجي ٿي. ايڊز ڪائونسلنگ سروس مريض کي مفت مشورا ڏئي ٿي ته هو حالتن سان ڪيئن منهن ڏين ۽ ڪهڙي نموني هو تندرست زندگي گذارين. جنهن سان بيماري کي دير دير سان وڌڻ جو موقعو ملي.

HABIB BANK

آج کا بینک



سب کا بینک



## The Strength of Relationships

Opening new horizons and fresh perspectives of trust, dependability and service through 1425 domestic branches and 112 overseas offices with a comprehensive range of financial products.

HABIB BANK

THE POWER TO LEAD

FOURAYS

# WHERE THERE IS NO DOCTOR

# هڪ بيمار کي ڪيئن تپاسجي

علي مرتضيٰ ڏاريجو

بيمار ڇا ٿو چاهي، اهو سمجهڻ لاءِ سڀ کان اڳ ۾ مريض کان ڪجهه سوال پڇو. ان کان پوءِ سندس ڌيان سان تپاس ڪيو. اهڙيون نشانيون ۽ علامتون ڏسڻ ۽ لهڻ جي ڪوشش ڪيو جن رستي خبر پئجي سگهي ته مريض ڪيترو بيمار ۽ ڪيس ڪهڙي بيماري آهي.

بيمار کي هميشه اهڙي هنڌ تپاسجي جتي جهجهي روشني هجي، بهتر سمجهيو ويندو آهي ته ڏينهن جي روشني ۾ تپاسجي ۽ نه ڪنهن اونداهي ڪمري ۾.

بيمار کان ڪجهه بنيادي ڳالهيون پڇڻ ۽ دکن بنيادي ڳالهين جو معائنو ڪرڻ ضروري آهي. جن ۾ اهي ڳالهيون اچي وڃن ٿيون جيڪي مريض محسوس ڪري يا ٻڌائي ٿو. علامتون(نيورليرا) اهي آهن جيڪي سندس تپاس دوران توهان کي نظر اچن ٿيون. اهي نشانيون انهن ٻارن لاءِ خاص طور تي اهميت واريون ٿي سگهن ٿيون جيڪي ڳالهائي ۽ ٻڌائي نٿا سگهن. هن مضمون ۾ اسان علامت ۽ نشاني ٻنهي لاءِ هڪ ئي لفظ 'نشاني' استعمال ڪيو آهي.

مريض تپاسڻ دوران جن جن ڳالهين جي خبر پوي يا مشاهدي ۾ اچن اهي لکبيون وڃن ۽ هيلٿ ورڪر کي ڏئي ڇڏجن ته جيئن ضرورت وقت، انهن مان فائدو وٺي سگهجي.

**سوال:**

- سڀ کان اڳ ۾ مريض کي سندس بيماريءَ بابت سوال ڪجن ۽ ڪانئس اهو ضرور پڇجي ته:
- هن وقت توهان کي وڏ ۾ وڏ ڪهڙي تڪليف آهي؟
- ڪهڙي ڳالهه/شيءِ سبب طبيعت وڌيڪ خراب يا بهتر ٿئي ٿي؟
- بيماري ڪيئن ۽ ڪڏهن شروع ٿي؟
- ڇا توهان کي توهان جي خاندان ۾ يا پاڙي ۾ اڳ ۾ به ڪنهن کي اها بيماري ٿي آهي؟

مريض جي تفصيلي حالت سمجهڻ لاءِ ڪانئس وڌيڪ سوال پڇندا رهو:

مثال طور: مريض کي جيڪڏهن ڪنهن هنڌ سور آهي، ته ڪانئس اهو پڇو:

سور ڪهڙي هنڌ تي آهي؟ (مريض کي چئجي ته هو سور واري هنڌ تي آڱر رکي ٻڌائي)

ڇا سور لاڳيتو رهندڙ آهي يا رکي رکي ٿئي ٿو؟

سور ڪيئن ٿو محسوس ٿئي؟ (سور جي ٺاٺ اپري ٿي؟ ساڙيندڙ محسوس ٿئي ٿو؟ يا جهڪو آهي؟)

ڇا سور هوندي به ننڊ اچي ٿي؟

جيڪڏهن مريض ٻار آهي، جيڪو ڳالهائي يا ٻڌائي نٿو سگهي ته سور جون نشانيون ڳولهجن. سندس جسم جي چرپر ڌانهن ڌيان ڏجي ۽ ڏسجي ته هو ڪيئن ٿو روئي (مثال طور جنهن ٻار کي ڪن ۾ سور هوندو ته اهو مٿي جي ان هڪ پاسي کي هٿ سان مهٽيندو يا ڪن کي جهلي ڇڪيندو)

**صحت جي عام حالت:**

بيمار کي هٿ لائڻ کان اڳ ۾ ڪيس ڌيان سان ڏسو ته هو ڪيترو بيمار يا ڪمزور لڳي ٿو. هو ڪهڙيءَ طرح سان چري پري ٿو. هو ڪيئن ساهه کڻي ٿو ۽ سندس دماغي حالت ڪهڙي آهي. يعنيٰ ته هو صحيح طرح سان سوچي ۽ سمجهي سگهي ٿو يا نه؟

جسم ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ۽ سڪتي جون نشانيون ڏسوس، جيڪو ايندڙ مضمونن ۾ پڙهندا.

اهو به ڏسو ته مريض سٺي کاڌ خوراڪ، کاڌل لڳي ٿو يا نه.

ڇا سندس وزن ڪجهه وقت کان گهٽ ٿيندو رهيو آهي؟ جيڪڏهن ڪنهن جو وزن ڪجهه عرصي کان وٺي لاڳيتو گهٽبو رهيو آهي ته ڪيس ڪا پراڻي

**بيمار کان ڪجهه بنيادي ڳالهيون پڇڻ ۽ ڪن بنيادي ڳالهين جو معائنو ڪرڻ ضروري آهي. جن ۾ اهي ڳالهيون اچي وڃن ٿيون جيڪي مريض محسوس ڪري يا ٻڌائي ٿو. علامتون(نيورليرا) اهي آهن جيڪي سندس تپاس دوران توهان کي نظر اچن ٿيون. اهي نشانيون انهن ٻارن لاءِ خاص طور تي اهميت واريون ٿي سگهن ٿيون جيڪي ڳالهائي ۽ ٻڌائي نٿا سگهن. هن مضمون ۾ اسان علامت ۽ نشاني ٻنهي لاءِ هڪ ئي لفظ 'نشاني' استعمال ڪيو آهي.**

**بيمار کي هٿ لائڻ کان اڳ ۾ ڪيس ڏيان سان ڏسو ته هو ڪيترو بيمار يا ڪمزور لڳي ٿو. هو ڪهڙيءَ طرح سان چري پري ٿو. هو ڪيئن ساهه کڻي ٿو ۽ سندس دماغي حالت ڪهڙي آهي. يعني ته هو صحيح طرح سان سوچي ۽ سمجهي سگهي ٿو يا نه؟**

بيماري ٿي سگهي ٿي.

سندس چمڙيءَ ۽ اکين جو رنگ به ڏسو. بيماريءَ سبب ورلي اهڙو رنگ بدلجي وڃي ٿو (گهري رنگ جي چمڙي ۾. رنگ جي تبديلي محسوس ڪري نه سگهبي آهي. ان لاءِ جسم جي انهن حصن کي ڏسو جتي جي چمڙي جو رنگ هلڪو هجي جهڙوڪ هٿن يا پيرن جون ترين، ننهن يا چپن ۽ چپرن جا اندريان حصا)

هلڪو رنگ، خاص طور تي چپن ۽ چپرن جي اندرئين حصن جو، رت جي کوٽ جي نشاني آهي. سلهه/ٽي بي يا ڪواشيورڪور (کاڌي ۾ پروٽين جي کوٽ سبب پڻ چمڙيءَ جو رنگ هلڪو ٿي سگهي ٿو.

● چمڙيءَ جو رنگ گهرو ٿي ويو هجي ته اها بک ڪاٽڻ جي نشاني ٿي سگهي ٿي.

● چمڙيءَ جي نيراڻ، خاص طور تي چپن ۽ ننهن جي نيراڻ يا ڪاراڻ ساهه کڻڻ جي عمل، جنهن جو تفصيل ايندڙ مضمون ۾ پڙهندا يا دل ۾ شديد قسم جي خرابيءَ جي نشاني ٿي سگهي ٿي. بيهوش ٻار جو نيراڻ مائل خاڪسرو رنگ دماغي مليريا جي نشاني ٿي سگهي ٿي.

● جڏهن چمڙي نم/گهميل /لودار ٿڌي ۽ سُرمائي سفيد رنگ جي ٿي ويئي هجي ته ان جو عام طور تي مطلب مريض جي سڪتي/شاڪ ۾ هجڻ ورتو وڃي ٿو.

● چمڙيءَ ۽ اکين جو پيلو رنگ (يرقان/ڪامڻ) جگر جي ڪنهن قسم جي بيماري (هيپاٽائيٽس سراس يا سوري) سيس يا پتي جي ڪنهن خرابي سبب ٿي سگهي ٿو. اهڙيون نشانيون ڪنهن نئين ڄاول ٻار ۾ به ظاهر ٿي سگهن ٿيون ته انهن ٻارن ۾ به جيڪي رت جي کوٽ سڪل سيل بيماري ۾ Sickle cell disease ۾ مبتلا ٿين ٿا.

● چمڙيءَ جي چڪاس تڏهن ڪجي جڏهن مٿس ڪنهن هڪ پاسي کان روشني پوندي هجي. ائين ڪرڻ سان بخار ۾ مبتلا ٻار جي منهن تي پيدا ٿيندڙ اُرڙيءَ جي داڻن جون شروعاتي نشانيون به ظاهر ٿي پون ٿيون.

**بخار:**

عام طور تي ڏاهپ انهيءَ ۾ سمجهي وڃي ٿي ته مريض جو بخار جاچي ڏسجي پوءِ پلي ته بظاهر مريض کي بخار نه به هجي. جيڪڏهن مريض گهڻو بيمار هجي ته روزانو گهٽ ۾ گهٽ 4 ڀيرا بخار جاچي لکي ڇڏجيس.

جيڪڏهن تپ تپاسڻ لاءِ ٿرماميٽر نه هجي ته پوءِ پنهنجي هڪ هٿ جي پٺي سندس نرڙ تي ته ٻئي هٿ جي پٺي پنهنجي يا ڪنهن ٻئي تندرست ماڻهوءَ جي نرڙ تي رکي بخار هجڻ يا نه هجڻ يا بخار جي زور جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. جيڪڏهن بخار هوندو ته فرق جي خبر پئجي ويندي.

اهو به ڄاڻڻ ضروري ٿئي ٿو ته بخار ڪڏهن ڪڏهن ۽ ڪيئن اچي ٿو. ڪيتري دير تائين رهي ٿو ۽ ڪيئن لهي ٿو. ان ڳالهه مان بيماريءَ جي سڃاڻپ ڪري سگهجي ٿي. جيئن ته هر بخار مليريا جو ٿي نٿو سگهي پر تنهن هوندي به ڪيترن ملڪن ۾ هر بخار کي مليريا سمجهي علاج ڪيو وڃي ٿو. بخار ٽيڻ ٻيا به ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا جهڙوڪ:

عام طور تي ٿيندڙ ليس زڪام ۽ وائرس سبب، ٿيندڙ مختلف قسمن جي انفيڪشنن ۾ عام طور تي هلڪو بخار ٿي پوي ٿو.

ٽائفائڊ سبب ٿيندڙ بخار جيڪو پنجن ڏينهن تائين وڌندو رهي ٿو، جنهن لاءِ مليريا جون دوائون فائديمند ثابت نه ٿيون ٿين.

سلهه هجي ته ڪڏهن ڪڏهن ٽنپهرن جو هلڪو بخار ٿي پوي ٿو. رات جو عام طور تي پگهر اچي ۽ بخار لهي وڃي ٿو.

**ٿرماميٽر ڪيئن استعمال ڪجي:**

هر گهر ۾ هڪ ٿرماميٽر هجڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو. بيمار ماڻهوءَ جو ڏينهن ۾ چار دفعا بخار ڏسڻ ۽ اهو لکي ڇڏڻ گهرجي. ٿرماميٽر ڪيئن پڙهجي (جنهن تي سينٽي گريڊ جا نشان هجن: Co)

**ٿرماميٽر:**

ٿرماميٽر کي تيستائين ڦيرائيندا رهو جيستائين چانديءَ جهڙي ليڪ ڏسي سگهو. نارمل بخار گهڻو ڪري ٺيڪ ٿرماميٽر تي ڏنل تير جي نشان تائين اچي بيهي ٿو ۽ وڌيل بخار ۾ جتي چاندي واري ليڪ اچي بيهي ٿي اوترو بخار جو زور ظاهر ڪري ٿي. هي ٿرماميٽر 40 ڊگريون مس ٻڌائي ٿو.

**ٽمپريچر جاچڻ:**

1. اڳ ۾ ٿرماميٽر کي صابڻ ۽ پاڻي يا اسپرٽ سان چڱي طرح ڌوئي صاف ڪجي. هٿ ۾ سوگهو جهلي زور سان ڇنڊجيس ته جيئن منجهس موجود چاندي جي چمڪندڙ ليڪ 36 جي نشاني کان هيٺ لهي.

2. ٿرماميٽر هيٺئين طرح استعمال ڪجي:

**عام طور تي ڏاهپ انهيءَ ۾ سمجهي وڃي ٿي ته مريض جو بخار جاچي ڏسجي پوءِ پلي ته بظاهر مريض کي بخار نه به هجي. جيڪڏهن مريض گهڻو بيمار هجي ته روزانو گهٽ ۾ گهٽ 4 ڀيرا بخار جاچي لکي ڇڏجيس.**

زبان جي هيٺان وات بند ڪرائي

يا

جڏهن خطرو هجي ته مريض ٿرماميٽر کي چٻاڙي نه وجهي تڏهن ڪڇ ۾

يا

ننڍن ٻارن جي حالت ۾ سنڌس مقعد. ان لاءِ ٿرماميٽر کي ٿورو مک ڏجي.

3. ٿرماميٽر کي ٽن چئن منٽن لاءِ ڇڏي ڏجي.

4. پوءِ ٿرماميٽر ڪڍي ٽمپريچر پڙهجي (ڪڇ وارو ورتل ٽمپريچر وات واري کان ڪجهه گهٽ ته مقعد وارو ڪجهه وڌيڪ هوندو.)

5. آخر ۾ ٿرماميٽر کي صابڻ ۽ پاڻي سان چڱي طرح ڌوئي صاف ڪري ڇڏجي.

**نوٽ:**

جيڪڏهن ڪنهن ننئين چاول ٻار جو ٽمپريچر غير رواجي طور تي وڌيڪ يا غير رواجي طور تي 36 ڊگرين کان گهٽ هجي ته اها ڪنهن شديد قسم جي انفيڪشن جي نشاني ٿي سگهي ٿي.

● ٻين قسمن جي بخارن جي جاچ لهڻ لاءِ ايندڙ مضمونن ۾ پڙهندا.

**ساهه کڻڻ:**

بيمار ڪهڙيءَ طرح سان ساهه کڻي ٿو. ان ڳالهه ڌانهن خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي جهڙوڪ ساهه گهرا کڻي ٿو يا تراڪڙا. ساهه ڪيترا جلد کڻي ٿو ڇا ڪيس ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي. اهي سڀ اهڙيون ڳالهيون آهن جن ڌانهن ڌيان ڏجي. اهو به ڏسجي ته ساهه کڻندي سنڌس سيني جا ٻئي پاسا هڪ ڪرا چرپر ڪن ٿا يا هڪ پاسو وڌيڪ ڦوڪجي ٿو ۽ ٻيو گهٽ.

**بيمار ڪهڙيءَ طرح سان ساهه کڻي ٿو. ان ڳالهه ڌانهن خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي جهڙوڪ ساهه گهرا کڻي ٿو يا تراڪڙا. ساهه ڪيترا جلد کڻي ٿو ڇا ڪيس ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي. اهي سڀ اهڙيون ڳالهيون آهن جن ڌانهن ڌيان ڏجي. اهو به ڏسجي ته ساهه کڻندي سنڌس سيني جا ٻئي پاسا هڪ ڪرا چرپر ڪن ٿا يا هڪ پاسو وڌيڪ ڦوڪجي ٿو ۽ ٻيو گهٽ.**

جيڪڏهن توهان وٽ واچ يا وقت جاچڻ لاءِ اهڙو ٻيو ڪو اوزار آهي ته ان رستي اهو نوٽ ڪجي ته هر هڪ منٽ ۾ ڪيترا ڀيرا ساهه کڻي ٿو. (جڏهن مريض سانت ۾ هجي) وچوليءَ عمر ۾ وڏن ٻارن لاءِ في منٽ جي حساب سان 12 کان 13 دفعا ساهه کڻڻ عام رواجي سمجهيو وڃي ٿو. ٻارن لاءِ 30 ۽ کير پياڪن جي حساب سان 40 دفعا ساهه کڻڻ في منٽ عام سمجهيا وڃن ٿا. جن کي تيز بخار يا ساهه جي ڪا شديد تڪليف هجي (جهڙوڪ نمونيا) سي عام رواجي حالتن جي ابتڙ تڪڙا ساهه کڻن ٿا. اهڙين حالتن ۾ وچولي عمر جا في منٽ جي حساب سان 40 دفعن کان وڌيڪ ته ننڍا ٻار 60 دفعن کان وڌيڪ تراڪڙا ساهه کڻن ٿا. ساهه جي آواز کي ڌيان سان ٻڌجي. مثال طور:

● ساهه ٻاهر ڪڍندي جيڪڏهن سيٽيءَ جهڙو يا خُر خُر جهڙو آواز پيدا ٿئي يا تڪليف ٿئي ته اها دم جي نشاني ٿي سگهي ٿي.

● بي هوشي جي حالت ۾ خُر خُر يا ڪونگهري جهڙو پيدا ٿيندڙ آواز ۽ ساهه کڻڻ ۾ تڪليف پيدا ٿيڻ جي معنيٰ زبان، بلغم يا ڪنهن شيءِ جي نڙيءَ ۾ ڦاٿل هجڻ جي نشاني ٿي سگهي ٿي، جيڪا هوا کي لنگهڻ نٿي ڏئي.

● پاسرين جي وچواري چمڙي ۽ ڪنڌ جي هڏي جي پنيان، ڳچيءَ جي ڪنڊ جي چمڙي جو ساهه اندر ٽيندي پيچجڻ هڪ خاص نشاني آهي جنهن ڌانهن خاص ڌيان ڏجي. چمڙي جي ائين پيچجڻ جو مطلب ٿيو ته هوا کي لنگهڻ ۾ تڪليف ٿيڻ آهي. نڙيءَ ۾ ڪنهن شيءِ جو ڦاٿل هجڻ يا نمونيا يا دم يا ڪنگهه Bronchitis (چمڙيءَ جو هلڪو پيچجڻ) سڀ ائين ٿي سگهي ٿو. انهن سڀني سببن کي به ذهن ۾ رکڻ گهرجي.

● اهڙي فرد کي ڪنگهه هجڻ جي حالت ۾ ڪانئس پڇجي ته ان سبب ڪيس ننڊ ڪرڻ ۾ تڪليف ته نٿي ٿئي. اهو به ڏسجي/پڇجي ته ڪنگهڻ سان بلغم نڪري ٿو ته ڪيترو، ان جو رنگ ڪهڙو آهي ۽ ان ۾ رت ته موجود نٿو هجي.

**نبض (دل جو ڌڙڪڻ):**

بيمار جي نبض ڏسڻ لاءِ مريض جي ڪرائي تي موجود ريڊيل آرٽري تي ٽئي آڱريون رکي، پاسي وارين ٻنهي آڱرين سان هلڪو زور ڏئي ۽ وچين آڱر سان نبض ڏسجي. (آڱوٺي سان ڪڏهن به نبض ڏسڻ نه گهرجي)

جيڪڏهن ڪرائي تي نبض محسوس ڪري نه سگهي ته ڳچيءَ وٽ نڙگهٽ وٽ ڏسجي.

يا سڌو سنئون سيني تي ڪن رکي دل جو ڌڪو جاچجي (جيڪڏهن اسٽيٿو اسڪوپ هجي ته اها استعمال ڪجي)

نبض جي طاقت/زور، تعداد يا نيمائتي هجڻ (يا نه هجڻ) جهڙين ڳالهين تي ڌيان ڏجي. جيڪڏهن واچ موجود هجي ته في منٽ جي حساب سان نبض جي رفتار نوٽ ڪجي.

ورزش، پريشانيءَ ۽ ڊپ جهڙين حالتن توڙي بخار ۾ نبض جي رفتار تيز ٿي وڃي ٿي. عام

**آرام وارين حالتن ۾ نبض جي رفتار:**

| | | |
|---|---|---|
| وڏي عمر وارا | 60 کان 80 | دفعا في منٽ |
| ٻار | 80 کان 100 | دفعا في منٽ |
| کير پياڪ | 100 کان 140 | دفعا في منٽ |

جي پچڙ سان زبان کي هيٺ تي ڏکي ۽ مريض کي چئجي تہ آ آ آ ڪري. پوءِ ڏسجي تہ نڙي ڳاڙهي ۽ ڪليون (ڪاڪڙي جي پٺيان ٻہ اُڀار) سڄيل تہ ناهن يا انهن جي مٿان پونءَ جا نشان تہ موجود ناهن ائين وات جي بہ چڪاس ڪري ڏسجي تہ ڪٿي ڦوڪٽا يا زخم تہ ناهن. مهارون سڄيل آهن يا نہ. زبان تي ڪا تڪليف وغيره تہ ناهي. ڏند ڪاڏل يا ڳريل وغيره تہ ناهن يا منجهن ڪا خرابي تہ ناهي.

**نڪ:**

چا نڪ وهندڙ آهي يا بند ٿي ويو آهي؟ (ڏسجي تہ ننڍو ٻار نڪ رستي ساهہ کڻي رهيو آهي يا نہ جيڪڏهن کڻي ٿو تہ ڪيئن) نڪ اندر ٽارچ هڻي لعاب (Mucus) پونءِ ۽ رت جي هجڻ يا نہ هجڻ ڪانسواءِ ڳاڙهاڻ، سوڄ ۽ بدبوءِ جهڙين نشانين جي پڪ ڪجي. اهو بہ ڏسجي تہ سائنس (Sinus) جي تڪليف يا ڪاهيءَ جي تپ (Hay fever) جون نشانيون تہ موجود ناهن.

**چمڙي:**

بيماري ڪيتري بہ خصيص چو نہ محسوس ٿيندي هجي، سڄي جسم جو معائنو ڪرڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو. ان لاءِ ننڍن ۽ وڏن ٻارن جا سڀ ڪپڙا لاهي سڄي جسم جي تپاس ڪري ڏسجي تہ ڪا غير معمولي ڳالهہ يا نشاني تہ نظر نٿي اچي. خاص طور تي هيٺين ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏجي:

- ڦٽ، ڦرڙي يا چٽيون
- داڻا يا ڏنا (Welts)
- داغ، چٽا يا غير معمولي نشان
- سوزش (انفيڪشن جون نشانيون، ڳاڙهاڻ، گرمائش ۽ پيور ۽ سوڄ)
- سڄيل ليمف غدود (ڳچي، ڪڇن يا چڏن واريون ننڍڙيون ڳوڙهيون)
- غيررواجي ڳوڙهيون يا ماس
- وارن جو غير معمولي ڇڊو ٿيڻ، ڪُسڻ رنگ ۽ چمڪ جو ختم ٿي وڃڻ
- پِرون جو ڇڻڻ

هميشہ ننڍن ٻارن جي ٻنڊڙن جا وچولا حصا، للي جي چوگرد، هٿن پيرن جي آڱرين جا وچوارا حصا، ڪنن جا پٺيان حصا ۽ وارن جي (جوئن، خارش (Scabies) ڏيِ، داڻن ۽ ڦٽن لاءِ) لازمي طور تي تپاس ڪجي.

**پيٽ:**

ڪنهن کي پيٽ ۾ سور هجڻ جي حالت ۾ ڪوشش ڪري اهو هنڌ لهڻ جي ڪوشش ڪجي جيڪو ڏکندڙ هجي. اهو بہ

**ڪنهن کي پيٽ ۾ سور هجڻ جي حالت ۾ ڪوشش ڪري اهو هنڌ لهڻ جي ڪوشش ڪجي جيڪو ڏکندڙ هجي. اهو بہ پڇجي تہ سور لاڳيتو رهندڙ يا اوچتو اپرندڙ ۽ پوءِ گهٽجي ويندڙ آهي جيئن وٽ، مروڙ يا قولنج جي حالت ۾ پوندو آهي.**

پڇجي تہ سور لاڳيتو رهندڙ يا اوچتو اپرندڙ ۽ پوءِ گهٽجي ويندڙ آهي جيئن وٽ، مروڙ يا قولنج جي حالت ۾ پوندو آهي.

پيٽ جي تپاس لاءِ سڀ کان اول اهو ڏسجي تہ پيٽ تي ڪٿي غيرمعمولي سوڄ يا ڳوڙهي يا ڪو ڳوڙهو تہ نہ آهي. سور جي مخصوص هنڌ سان عام طور سور جي سبب جي خبر پئجي سگهي ٿي:

اڳ ۾ بيمار کي چئجي تہ هو سور واري هنڌ تي پنهنجي آڱر رکي ٻڌائي تہ سور ڪٿي آهي.

پوءِ جتي هو سور ٻڌائيندو هجي ان جي ابتڙ هنڌ کان مختلف حصن کي آهستي آهستي دٻائي ڏسجي تہ سور ڪهڙي هنڌ تي وڌيڪ ٿي رهيو آهي.

ڏسجي تہ پيٽ نرم آهي يا سخت ۽ چا بيمار پيٽ جي مشڪن کي ڍلو ڪري سگهي ٿو. پيٽ گهٽو سنڌ هجي تہ اها اڪيوٽ ايبڊمن (Acute abdo-men) جي حالت ٿي سگهي ٿي. بلڪ اپينڊي سائيٽس (Appen-dicitis) يا پيريٽونائيٽس (Per-itonities) بہ ٿي سگهي ٿي.

جيڪڏهن پيري ٽونائيٽس يا اپينڊي سائيٽس جو شڪ ٿيندو هجي تہ Rebound pain جي تپاس ڪري ڏسجي جنهن جو بيان ڪيو ويو ويندو. پيٽ ۾ موجود ڪنهن غير معمولي ڳوڙهي ۽ سخت هنڌ/حصن جي بہ جاچ رکجي.

جيڪڏهن مريض کي پيٽ ۾ سور لاڳيتو رهندڙ هجي. الٽي بہ ايندي هجي ۽ پيٽان بہ نہ ويندو هجي تہ پوءِ پيٽ تي ڪن يا اسٽيٿواسڪوپ رکي جاچي ڏسجي.

آندن جو گڙڪو ٻڌجي، جيڪڏهن تقريباً ٻن منٽن تائين ڪوبہ آواز ٻڌڻ ۾ نہ اچي تہ اها خطري جي نشاني آهي.

خاموش پيٽ، خاموش ڪئي جيان خطرناڪ ٿئي ٿو. ان لاءِ هوشيار ٿي وڃو.

**مشڪون ۽ اعصاب (تنتون):**

جيڪڏهن ڪو جسم جي ڪنهن حصي جي سُن ٿي وڃڻ،

**جيڪڏهن ڪو جسم جي ڪنهن حصي جي سُن ٿي وڃڻ ڪمزور ٿي وڃڻ يا وس ۾ نہ رهڻ/هجڻ جي دانهن ڪري يا توهان انهن ڳالهين جي چڪاس ڪرڻ چاهيو تہ ان لاءِ ڏسو تہ اهڙو فرد ڪيئن ٿو گهمي، ڦري ۽ حرڪت ڪري. ان لاءِ ڪيس اٿاري ٻيهاريو، ويهاريو. بلڪل سنئون سڌو سمهاريو ۽ جسم جي ٻنهي پاسن جي چڱي طرح سان ڀيٽ ڪري ڏسو.**

کمزور ٿي وڃڻ يا وس ۾ نہ رهڻ/هجڻ جي دانهن ڪري يا توهان انهن ڳالهين جي چڪاس ڪرڻ چاهيو تہ ان لاءِ ڏسو تہ اهڙو فرد ڪيئن ٿو گهمي، ڦري ۽ حرڪت ڪري. ان لاءِ ڪيس اٿاري بيهاريو، ويهاريو، بلڪل سنئون سڌو سمهاريو ۽ جسم جي ٻنهي پاسن جي چڱي طرح سان ڀيٽ ڪري ڏسو.

**جيڪڏهن ڳچي يا ڀِني سيني جي سخت ٿي پوئتي وري ويئي آهي ۽ ٻار گهڻو بيمار آهي تہ گردن توڙ بخار جو شڪ ڪري سگهجي ٿو پر جي مٿو جهڪي يا گوڏن جي وچ ۾ اچي نٿو سگهي تہ ائين گردن توڙ بخار بہ ٿي سگهي ٿو.**

**منهن:**

مريض کي چئو تہ هو کلي، نرڙ گهنجائي، اکيون ڦوٽاري ۽ ڀيڪوڙي بند ڪري ڏيکاري. سندس ايئن ڪندي ڪنهن هڪ پاسي لاڙو يا ڪمزوريءَ جون نشانيون نوٽ ڪيو.

جيڪڏهن تڪليف گهڻ يا وڏ اوچتي پيدا ٿي هجي تہ مٿي جي ڌڪ دماغي فالج يا بيل ڪالقوه هجڻ جو شڪ ڪجي. پر جي بيماري آهستي آهستي وڌي آهي تہ ان جو سبب مغز ۾ ڳوڙهي بہ ٿي سگهي ٿي. ان لاءِ ڪيس ڊاڪٽر ڏانهن رجوع ڪيو.

ڏسو تہ سندس اکين جي چرپر عام رواجي آهي يا نہ. اکين جون ماڻڪيون ننڍيون وڏيون تہ ناهن ۽ سندس نظر ڪيئن آهي. هو عام رواجي طرح سان ڏسي سگهي ٿو يا نہ.

**ٻانهون ۽ ٽنگون:**

ڏسجي تہ مشڪون بيڪار تہ نہ ٿي ويون آهن. ٻانهن ۽ ٽنگن جي ٿلهائپ ۾ فرق جاچي ڏسو.

مريض کي چئو تہ پنهنجي ٻنهي هٿن سان ڏيکاري توهان جي ٻنهي هٿن جي آڱرين کي زور سان ڀيڪوڙي تہ جيئن سندس هٿن جي طاقت جو اندازو ڪري سگهجي.

سندس هٿن ۽ پيرن کي پنهنجن هٿن سان اڳتي پوئتي ڇڪي ۽ ڌڪي ڏسو ڪا ڪمزوري يا ڏڪٽي محسوس ڪيو تہ لکي ڇڏيو.

ڪنهن ڌاڳي/ڏور/ڦيٿ سان سندس ٻانهن ۽ ٽنگن جي ٿلهائپ ماپي ڏسو تہ انهن ۾ فرق تہ ناهي. مريض کي سمهاري اڳ ۾ هڪ ٽنگ ۽ پوءِ ٻي مٿي کڻي ڏيکارڻ لاءِ چئو.

اهو ڏسجي تہ مريض کهڙيءَ طرح سان هلي چلي ۽ چرپر ڪري ٿو. جيڪڏهن مشڪن جي ڪمزوري يا بيڪاريءَ جو اثر سندس سڄي جسم تي ٿيو آهي تہ ان جو سبب ناقص ۽ اڻپوري غذائيت يا ڪا ڊگهي عرصي کان رهندڙ پراڻي بيماري جهڙوڪ ساهہ بہ ٿي سگهي ٿو.

جيڪڏهن ٻارن جي جسم ۾ هڪ پاسي جي مشڪن جي ڪمزوري يا بيڪاري وڌيڪ يا شديد آهي تہ ان لاءِ سڀ کان اڳ ۾ ڪين فالج هجڻ جو شڪ وڌن ۾ اهي نشانيون ڇيلهہ جي ڪنهن تڪليف، ڇيلهہ يا مٿي جي ڌڪ يا اسٽروڪ جون نشانيون ٿي سگهن ٿيون.

معذور فردن جي مشڪن جي چڪاس ۽ جسماني تپاس جي وڌيڪ ڄاڻ لاءِ ايندڙ مضمونن ۾ پڙهو.

**مختلف مشڪن جي سختي ۽ سيٽائپ جي چڪاس:**

جيڪڏهن ڄاڙي سخت يا ڪلي نٿي سگهي تہ اها جهٽڪن/ٽيٽنس جي بيماري يا نڙي جي سخت انفيڪشن يا ڏند جي شديد انفيڪشن هجڻ جو شڪ ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن تڪليف اوٻاسي ڏيڻ يا ڄاڙي ۾ ڌڪ لڳڻ ڪانپوءِ شروع ٿي آهي تڏهن ممڪن آهي تہ ڄاڙي ٽڙي ويئي هجي.

● جيڪڏهن ڳچي يا ڀِني سيني جي سخت ٿي پوئتي وري ويئي آهي ۽ ٻار گهڻو بيمار آهي تہ گردن توڙ بخار جو شڪ ڪري سگهجي ٿو پر جي مٿو جهڪي يا گوڏن جي وچ ۾ اچي نٿو سگهي تہ ائين گردن توڙ بخار بہ ٿي سگهي ٿو.

● جيڪڏهن ڪنهن ٻار جون ڪي مشڪون هميشه سخت رهندڙ ۽ اهي غير رواجي طور تي جهٽڪن سان حرڪت ڪندڙ هجن تہ اها اسپازٽڪ (Spastic) جي نشاني ٿي سگهي ٿي.

● جيڪڏهن اهڙيون غير رواجي/غير معمولي حالتون اوچتو پيدا ٿين ۽ هوش ۾ بہ نہ رهيو هجي تہ ايئن غشي جي دورن سبب ٿي سگهي ٿو دورا هر هر پون تہ مرگهيءَ جو شڪ ڪجي. بيماري دوران ان جو سبب تيز بخار يا جسم ۾ پاڻي جي ڪوٽ يا جهٽڪن جي بيماري (ٽيٽنس) يا گردن توڙ بخار بہ ٿي سگهي ٿو.

● جڏهن ٽيٽنس هجڻ جو شڪ هجي تہ تنتن/اعصابن جي حرڪت ڏسجي.

**هٿن پيرن يا جسم جي ٻين حصن مان حس ختم ٿي وڃڻ جي جاچ ڪرڻ:**

مريض کي چئجي تہ هو هٿن سان پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏي پوءِ سندس جسم جي مختلف حصن کي هٿ سان ڇهي آهستي آهستي سئي چڀائي ڏسجي جڏهن هو هٿ جو ڇهاءُ محسوس ڪري ها ڪري ٻڌائي. يا آسپاس حِس ختم ٿي وڃي تہ ٻڌائي.

● جسم تي موجود ننڍن وڏن داغن يا انهن جي آسپاس حِس ختم ٿي وڃي تہ اها ڪوڙهہ جي نشاني سمجهي سگهجي ٿي.

● ٻنهي هٿن يا پيرن ۾ حس جي نہ هجڻ جو سبب ذيابطيس يا ڪوڙهہ بہ ٿي سگهي ٿو.

● جسم جي رڳو هڪ پاسي جي حس ختم ٿي وڃڻ، ڇيلهہ جي ڪنهن تڪليف يا ڌڪ سبب بہ ٿي سگهي ٿو.

Shams Corner

# ALL ABOUT CONSTIPATION

# قبضي مان ڪيئن جان ڇڏائجي

ڊاڪٽر شمس سومرو (مرحوم)

چوندا آهن: ”هر بيماري جي پاڙ قبضي (Constipation) آهي، پر ائين نہ آهي!

هڪ صحتمند ماڻهوءَ ۾ ڪاڪوس ڪرڻ جون جدا جدا عادتون هونديون آهن. ڪي شخص روزانو ”جهنگ جو خيال“ ڪان واندو ٿيڻ سان پاڻ کي چڱو ڀلو محسوس ڪندا آهن.

ڪي شخص هرٻئي ڏينهن يا ٽئين ڏينهن ”جهنگ جو خيال“ ڪندا آهن.

ڪي شخص ڏينهن ۾ هڪ ڀيرو تہ ڪي ٻہ ڀيرا ۽ ڪي تہ ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا بہ ”جهنگ جو خيال“ ڪندا آهن.

تنهن ڪري اهڙن ماڻهن جي وسيع حد آهي جنهن ۾ هڪڙا ماڻهو چڱا ڀلا ۽ ساڳئي گهراڻي جا ٻيا ماڻهو انهن ئي حالتن هيٺ اگها ٿا رهن.

**اڄو ڏسون تہ ’قبضي‘ ڇا آهي؟**

قبضي مختلف عنصري حالتن جو ميلاپ يا ڪمبينيشن آهي.

1. ڦوڳ يا ڪاڪوس جي مواد جي سختي سببان ٿيندڙ قبضي جي تڪليف.

2. ڦوڳ يا ڪاڪوس جي مواد جو تڪليف سان نيڪال.

3. يا عام حالتن جي پيٽ ۾ ڪاڪوس جي خيال جو تڪڙو نہ اچڻ ـ دير سان فارغ ٿيڻ.

**تنهن ڪري**

’قبضي‘ مان مراد آهي: ”وقتي ڪاڪوس جي عادت“، يعنيٰ ڏينهن ۾ ڪنهن وقت بہ ڪاڪوس آيو تہ آيو نہ تہ خير آ. يا، ”دائمي قبضي جي حالت انهن سڀني حالتن جو بنيادي ڪارڻ آهي. ’جلاب‘ يا جلاب جهڙيون دوائون ۽ اينيما وغيره.

**جيڪڏهن**

توهان قبضي جي ڪري پريشان آهيو ۽ جنهن ڪري اڪثر توهان حڪيمن، سِتين ۽ ڦڪين لاءِ واجهائيندا رهو ٿا، تہ فقط هيٺيون ڳالهيون ڌيان ۾ رکو ۽ بس، قبضي ختم.

**ڪاڌا:**

جديد ڪاڌن ۽ اڳواٽ ٺهيل، ڏٻن ۾ بند ڪاڌن، مٺائين، پيسٽرين، آچارن جي ڪري اسان جي ڪاڌن ۽ ڪاڌي جي شين ۾ موجود ’تاندورن‘ جو مقدار اٽي ۾ لوڻ برابر وڃي رهيو آهي جڏهن تہ تاندورن جي گهٽائي وارن ڪاڌن ۾ شين سان هاضمو درست ۽ بک ۾ واڌ اچي ٿي. تنهن ڪري تاندورن يا ڦوڳ وارين شين ۽ ڪاڌن کي ترجيح ڏني وڃي.

**پاڻي:**

ڇا توهان ڏينهن ۾ ڇهن ڪان اٺ گلاس پاڻي پيئو ٿا. جيڪڏهن پاڻي يا پاڻياٺ وارين شين جو مقدار گهٽ آهي تہ ياد رکو تہ پاڻيٺ جي کوٽ جسماني ڦوڳ کي سخت ڪري ڇڏيندي ۽ نتيجي طور قبضي ٿيڻ لازمي آهي.

**وقت جي پابندي:**

گهڻو ڪري ماڻهو پنهنجي ڪاڪوس جي حاجت لاءِ هڪڙو خاص وقت (گهڻو ڪري صبح جو سويلو پهر) مقرر ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙن ماڻهن ۽ انهن مان خاص ڪري ٻارڙن م وقت يا ٽائيم جي اهڙي پابندي ڪين اسڪول يا ڪلاس هلندي، راند ڪڏندي، حاج پوري ڪرڻ نہ ڏيندي آهي.

**اهڙي حالت ۾:**

ڪاڪوس جي حاجت محسوس ٿيڻ جي باوجود بہ حاج پوري ٿي نہ سگهڻ ڪري جيڪو دٻاءُ، ڇڪ ۽ ضرورت اهڙو اثر ۽ حالتون ڇڏي ٿو جنهن سان نيڪال جي حاج پوري ڪرڻ لاءِ جيڪي اشارا ڀندا رهن ٿا اهي ان دٻاءُ ۽ ڇڪ سببان بي اثر ٿي ويندا آهن ۽ نتيجي طور [illegible]لي آنڊن جي توڙ وٽ گڏ ٿيندڙ ڦوڳ يا ڪاڪوس وارو مواد سخت (ڳنڍ) ٿيو وڃي ۽

**مرحوم ڊاڪٽر شمس سومري جي ياد ۾ اسان ويڄ ۾ شمس ڪارنر قائم ڪئي آهي جنهن سلسلي ۾ ويڄ جي هر شماري ۾ ڊاڪٽر صاحب جا لکيل سائنسي مضمون شايع ڪبا.**

قبضي جو سبب ٿيو پوي.

**جلاب خانو خراب:**

غير موزون ڪاڌ خوراڪ وانگر، سڌريل زماني جي هڪڙي ٻي خرابي، جيڪا پنهنجي پنهنجي زماني ۾ يوناني، رومي، مصري ۽ ٻين وقتن جي تہذيبن جا ماڻهو عام جام اختيار ڪرڻ لڳا. سا هئي قبض ڪشائي لاءِ ’جلاب‘ جو عام واهپو. هنن جو اهو ’ويساهہ‘ هئو تہ موسمي حالتن جي ڦير گهير سبب جلاب جو واهپو صحت لاءِ فائديمند آهي پر هاڻي جديد تحقيق جي آڌار تي اهو ثابت ٿيو آهي تہ جلاب يا قبض ڪشا دوائن جو اجايو واهپو فائدي بدران هاڃيڪار آهي. جلاب ڏيڻ يا وٺڻ ڪري جسم جو اخراجي نظام ڊانوان ڊول ٿيو پوي. قبضي جو هڪڙو ٻيو ڪارڻ ڪن مشڪاون

**جديد کاڌن ۾ اگهوات نهيل، دٻن ۾ بند کاڌن، مٺائين، پيسٽرين، آچارن جي ڪري اسان جي کاڌن ۾ کاڌي جي شين ۾ موجود 'تاندورن' جو مقدار اٽي ۾ لوڻ برابر وڃي رهيو آهي. جڏهن ته تاندورن جي گهٽائي وارن کاڌن ۾ شين سان هاضمو درست ۽ بک ۾ واڌ اچي ٿي. تنهن ڪري تاندورن يا ڦوڳ وارين شين ۽ کاڌن کي ترجيح ڏني وڃي.**

تاجي پيٽن ۽ اخراجي سرشتي ۾ ريڪٽل ريفليڪس جي تباهي پڻ آهي. اهو ڏٺو ويو آهي ته ضرورت آهر حاجت لاءِ تيار نه ٿيڻ ڪري ڪاڪوس جو خيال اهڙي نموني اڻ لکو ٿيو پوي جو ضرورت ويلي اخراج جي خواهش ختم ٿيو وڃي ۽ نتيجي ۾ 'قبضي' ٿيو پوي. عام قبضي گهڻو ڪري انهن ئي حالتن ۾ غم پذير ٿيندي آهي.

**ڪسرت:**

ڪسرت جي اڻ هوند سببان قبضي ٿئي ٿي. تنهن ڪري ڊوڙڻ، تکڙو تکڙو پنڌ ڪرڻ، سائيڪل جي ڪسرت ڪرڻ، ترڻ يا ٽينس ۽ والي بال واري راند ڪڏڻ سان نه صرف قبضي دور ٿئي ٿي پر ان سان گڏوگڏ دل جو نظام، رتائين دوري جو نظام ۽ هاضمي جو نظام صحيح نموني ڪم ڪري ٿو.

**هاڻي ڇا ڪجي؟**

جيتوڻيڪ قبضي بابت اوهان کي گهڻائي علاج يا نسخا سُجهندا هوندا، انهن سان ممڪن آهي توهان کي ڪو عارضي فائدو ملي وڃي.

پر دائمي علاج اهو نه آهي.

پهرين ته اوهين گذريل وقت کي وساري ڇڏيو. پراڻيون عادتون وساري ڇڏيو. وساري ڇڏيو ته توهان حاجت لاءِ ويندو ۽ حاجت نه ٿيندي. ان سلسلي ۾ ڪو وڏو قدم کڻڻ چاهيو ٿا ته:

**ياد رکو!**

سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته اهي سموريون حالتون، ڪيفيتون، تڪليفون ۽ علامتون ذهن نشين ڪرڻيون آهين جيڪي ايندڙ پيري ترتيبوار توهان پنهنجي ڊاڪٽر کي ٻڌائيندئو.

چوٿون:

توهان جو ڊاڪٽر ئي اهو فيصلو ڪري سگهي ٿو ته توهان جي اهنج جو ڪارڻ اصل ۾ ڪهڙو آهي.

هيو ته اوهان پاڻ پنهنجا ويج ٿيو ته بهتر.

پر ڪيئن؟ اهو هيئن:

- قبضي کان جان ڇڏائڻ لاءِ اوهان کي ڪجهه وقت کپي.
- قبضي کان جان ڇڏائڻ لاءِ اوهان کي رٿابندي ڪرڻ گهرجي.
- قبضي کان جان ڇڏائڻ لاءِ اوهان کي کاڌي خوراڪ ۽ ڏينهن وارين سرگرمين ۾ تبديلي آڻڻي پوندي.

پوءِ ڇو نه اهو اڄ کان ئي شروع ڪجي؟

سڀ کان اڳ ۾ هڪڙو ٽائيم يا وقت مقرر ڪرڻو آهي ته هڪڙي مقرر ٿيل ٽائيم آهر توهان کي پنهنجي حاج کان فارغ ٿيڻو آهي پر اهڙي نموني جو فراغت ۾ ڪا به جلد بازي ٿيڻ نه گهرجي (نه ته وري اوهان کي قبضي ٿي سگهي ٿي) تنهن ڪري جيڪڏهن ٿورو وقت وڌيڪ لڳي ٿو ته ڀلي پر توهان هروڀرو جا زور نه ڏيو. مهرباني ڪري تکڙ نه ڪيو. ڪاڪوس کي پنهنجي دڳ تي اچي، نڪري وڃڻ ڏيو. اڻين روزانو هڪڙو ٽائيم ٺاهيو.

ڪاڪوس جي بنا رنڊڪ گذريا اخراج جو سڀ کان بهترين طريقو آهي ته مناسب نيرن يا ناشتو ڪجي. جنهن سان آنڊن ۾ چرپر ٿيندي ۽ نيڪال وارو ڦوڳ يا ڪاڪوس به هيٺ سرڪندو.

ڪڏهن به ڪاڪوس جي حاجت نه وساريو.

حاجت جي ضرورت کي پاسيرو رکڻ يا نظرانداز ڪرڻ يا اجائي دير ڪرڻ ۽ ان کان نٽائڻ ڪري توهان قبضي کي پاڻمرادو دعوت ٿا ڏيو. تنهن ڪري سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته اوهان پنهنجن جسماني اشارن کي سمجهڻ شروع ڪيو ۽ محسوس ڪريو.

**کاڌوپيتو:**

قبضي وارن ماڻهن لاءِ ڪهڙي خوراڪ هئڻ ضروري آهي. اهو سڀ کان اهم سوال آهي.

قبضي وارن ماڻهن لاءِ تند يا تاندورن (Fiber) واري خوراڪ جهڙوڪ گهڻي ڦوڳ وارين شين، ميواتون وغيره تمام ضروري آهن.

قبضي وارن ماڻهن لاءِ قبض ڪشا ڪاڏا، ڪير، مکڻ وغيره واپرائڻ ضروري آهي.

خاص ڪري تازا ميوا ۽ اڻ رڌل سبزيون:

جهڙوڪ: زيتون، صوف، انگور وغيره تازا ۽ اڻ رڌل ميوا، تازيون ڪچيون يا سايون ڀاڄيون، گجرون، ٽماٽا، گوبيون، پالڪ وغيره وغيره.

رڌل ڀاڄيون - پٽاٽا، پين قريون وغيره:

ڀڄن واريون شيون جهڙوڪ:

جون جي ڪش، ڪٽڪ جو اٽو (ڇاڻوارو) انهن کاڌن سان گڏ، ميون ۽ ڀاڄين مان ڪڍيل رس واپرائڻ به نهايت ضروري آهي. اهو سڀ ياد رکڻ گهرجي ته ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڇهن کان اٺ گلاس پاڻي پيئڻ تمام ضروري آهي.

ماني جو وقت مقرر ڪريو ۽ پوءِ مقرر وقت تي ماني ضرور کائو.

ماني آهستي آهستي چٻاڙيو ۽ آرام سان کائي اٿو.

**ڪسرت:**

پيٽ وارين مشڪن کي سگهارو ڪرڻ لاءِ پنڌ ڪرڻ - سائيڪل هلائڻ واري ڪسرت نهايت آسان ۽ ڪارائتي ڪسرت آهي.

**ڪسرت جي اڻ هوند سببان قبضي ٿئي ٿي. تنهن ڪري ڊوڙڻ، تکڙو تکڙو پنڌ ڪرڻ، سائيڪل جي ڪسرت ڪرڻ، ترڻ يا ٽينس ۽ والي بال واري راند ڪڏڻ سان نه صرف قبضي دور ٿئي ٿي پر ان سان گڏوگڏ دل جو نظام، رتائين دوري جو نظام ۽ هاضمي جو نظام صحيح نموني ڪم ڪري ٿو.**

## Lead Pollution

# شيهو ۽ انساني صحت

افتخار حسين راهوجو

جڏهن فضا ۾ ڪنهن به شئي جو مقدار، مقرر مقدار کان وڌي ٿو ته فضا ۾ آلودگي پيدا ٿئي ٿي ۽ ان جا فضا ۾ الڳ الڳ اثر پيدا ٿين ٿا، اهي اثر فضا تي پوڻ سان گڏ ان فضا ۾ ساهه کڻندڙ ساهوارن تي پڻ پون ٿا.

شيهيءَ جي آلودگي به تڏهن ٿئي ٿي جڏهن انجو فضا ۾ مقدار هڪ مقرر ٿيل مقدار کان وڌي وڃي ٿو ان ڪري ان جو مقدار نه صرف فضا ۾وڌي فضا کي غليظ ڪري ٿو بلڪ اسان جي رت ۾ وڌي اسان کي ذهني طرح مفلوج ڪري ڪيترين ئي بيمارين ۾ مبتلا پڻ ڪري ٿو.

شيهو اسان جي جسم ۾ عام طرح ٽن ذريعن سان داخل ٿئي ٿو:

1- **ساهه رستي:** جڏهن گاڏين مان شيهي گاڏڙ دونهون خارج ٿئي ٿو ۽ اسان ان فضا ۾ ساهه کڻون ٿا.

2- **غذا رستي:** شيهي جي آلودگيءَ سبب متاثر ٿيل سبزيون، اناج، جانورن جو گوشت يا کير پيئڻ سان شيهي سبب غليظ ٿيل اهڙو گاهه کائڻ سان جانورن جي گوشت ۽ کير ۾ پڻ شيهو شامل ٿئي ٿو.

3- **سڌي طرح جسم ۾ جذب ٿيڻ رستي:** شيهو سنئون سڌو چمڙيءَ رستي پڻ جذب ٿي جسم ۾ پهچي ٿو. ائين خاص طور تي رنگ ٺاهيندڙ، شيهي جا پائيپ ٺاهيندڙ ۽ ربڙ جي ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو متاثر ٿين ٿا.

هوائي غلاظتن سبب ساهه رستي جسم ۾ داخل ٿيندو آهي ڇاڪاڻ ته گاڏين مان خارج ٿيندڙ ۽ ڪارخانن مان نڪرندڙ دونهين (خاص ڪري اهڙي بجلي گهرن جو دونهون جيڪي فرنيس آئل ساڙين ٿا) ۾شيهي جو ججهو مقدار شامل هجي ٿو. اسان جڏهن اهڙي متاثر ٿيل هوا، ساهه رستي کڻون ٿا ته اهڙو شيهو اسان جي ڦڦڙن ذريعي رت ۾ شامل ٿي وڃي ٿو.

ڪراچيءَ ۾ بقائي يونيورسٽيءَ ۽ ماحول جي تحفظ واري عالمي تنظيم (IUCN) 1995ع ۾ ملڪ جي مختلف ڀاڱن سان تعلق رکندڙ ٽريفڪ پوليس جي هڪ سئو نوجوانن جو معائنو ڪيو جن مان 50 سيڪڙو نوجوانن ۾ اڄائي ڳالهائڻ يا بڪ بڪ ڪرڻ جي نفسياتي بيماريءَ ته باقي 50 سيڪڙو مٽي جي سور ۽ ڦيريءَ جي عارضي ۾ مبتلا هئا. حالانڪ انهن کي ڪراچيءَ ۾ آئي صرف ٻه سال مس ٿيا هئا. بقائي يونيورسٽي ۽ آءِ يو سي اين کي پوليس جي انهن سپاهين جي رت جون مختلف تپاسون ڪرڻ سان خبر پئي ته سندن رت ۾ 46 مائڪروگرام في ڊيسي ليٽر شيهي جا ذرا موجود هئا. رت جي رپورٽن ۾ اهو ڄاڻايو ويو هو ته اٺ ڪلاڪ مسلسل گاڏين جو دونهون جذب ڪرڻ سبب انهن سپاهين جي رت ۾شيهي جو مقدار وڌڻ ڪري ڪين اهي مرض ٿي پيا آهن. رت ۾ شيهي جي ايتري مقدار جو هجڻ انتهائي خطرناڪ ڳالهه آهي جو ان سان انسان ۾ مختلف ذهني بيماريون پيدا ٿين ٿيون ۽ ذهني صلاحيتون ختم ٿي وڃن ٿيون، جنهن لاءِ ترت اپائن وٺڻ جي ضرورت آهي.

ڪراچيءَ ۾ هلندڙ انن لکن گاڏين ۾ شيهي مليل پيٽرول استعمال ڪيو وڃي ٿو جيڪي هر روز ڪراچيءَ جي فضا ۾ اهڙو دونهون خارج ڪن ٿيون جنهن ۾هڪ هزار کان ٽن هزارن تائين شيهي جا ذرا موجود هجن ٿا.جنهن ڪري ڏينهون ڏينهن ڪراچيءَ جي فضا گدلي ٿيندي پئي وڃي ۽ ڪراچيءَ جي شهرين کي ناقابل برداشت حد تائين سلفر ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ شيهو جذب ڪرڻو پوي ٿو جيڪو صحت لاءِ خاص طور تي کير پياڪ ٻارڙن لاءِ تمام نقصانڪار آهي، جنهن سبب منجهن ذهني بيماريون پيدا ٿين ٿيون.

جسم ۾ ڪاڏي رستي شيهو تڏهن داخل ٿئي ٿو جڏهن اسان شيهي سبب متاثر ٿيل ڪاڌو کائون ٿا.جيڪو معدي ۽ آنڊي جي استر رستي رت ۾شامل ٿي وڃي ٿو.

ڪراچي يونيورسٽيءَ جي

**بقائي يونيورسٽي ۽ آءِ يو سي اين کي پوليس جي انهن سپاهين جي رت جون مختلف تپاسون ڪرڻ سان خبر پئي ته سندن رت ۾ 46 مائڪروگرام في ڊيسي ليٽر شيهي جا ذرا موجود هئا. رت جي رپورٽن ۾ اهو ڄاڻايو ويو هو ته اٺ ڪلاڪ مسلسل گاڏين جو دونهون جذب ڪرڻ سبب انهن سپاهين جي رت ۾شيهي جو مقدار وڌڻ ڪري ڪين اهي مرض ٿي پيا آهن. رت ۾ شيهي جي ايتري مقدار جو هجڻ انتهائي خطرناڪ ڳالهه آهي جو ان سان انسان ۾ مختلف ذهني بيماريون پيدا ٿين ٿيون ۽ ذهني صلاحيتون ختم ٿي وڃن ٿيون.**

سڄي ملڪ ۾ ماءُ جو پنهنجو کير پيئارڻ جو رجحان ختم ٿيندو پيو وڃي، جنهن ڪري عورتن جي صحت خراب ڪان خراب ۽ ننڍن ٻارن جي دست، الٽين ۽ ساهه جي تڪليف ڪري موت جو تناسب وڌندو پيو وڃي.

ايتري ۾ تسنيم جي پٽ حامد جي کير پيئڻ جو وقت ٿي ويو. هوءَ جلد بستري تي ويهي پٽ کي کير پيئارڻ لڳي. سعديه ڀيڻ کي ڏسي همٿ ڪئي ۽ آمنه جي مدد سان صحيح انداز سان ٻار کي سيني سان لڳايو ته ان جي ننڍڙي ٻـ سيني سان لڳي فطري انداز ۾ کير پيئڻ شروع ڪيو. ڏيءَ جي کير چوسڻ ڪري سعديه کي پيٽ ۾ سور محسوس ٿيڻ لڳو. سندس تڪليف سندس چهري مان ظاهر هئي. ”پيٽ ۾ سور ٿو ٿئي؟“ آمنه پڇيس. ”اهو سور تنهنجي لاءِ ڏاڍو فائدي وارو آهي ڇو جو ٻار جي کير چوسڻ سان ماءُ جي ٻچيداني سوڙهي ٿي واپس پنهنجي اصل جڳهه تي اچي ويندي آهي، ان جو مطلب ته تون جلد سمارٽ ٿي ويندينءَ.“

اهو ٻڌي سعديه جي چهري تي مرڪ تري آئي. ”واقعي، مون کي ڏاڍو فڪر هو ته گهڻ وقفي سان ٻه ٻار پيدا ٿيڻ ڪري مان گهڻي ٿلهي ٿي ويندس.“

تون پنهنجي ٻار کي باقاعدگيءَ سان کير پيئاريندي رهه ته تنهنجي ٿلهيل ٻچيداني جلد سوڙهي ٿي صحيح حالت تي اچي ويندي. ان مان فالتو مواد جلد خارج ٿي ويندو نه ته زچگيءَ ۾ عرصي تائين رت جاري رهڻ سان عورتون رت جي ڪميءَ جو شڪار ٿي وينديون آهن. پوءِ جيئن جيئن هي کير گهري هن کي پنهنجو کير پيئار. اهڙي طرح تون ٻئي حمل کان به بچيل رهندينءَ ۽ ظاهر آهي ماهواري به ڪونه ايندي جيڪا عورتن ۾ رت جي گهٽ ڪري ٿئي ٿي ۽ نه هن کي بوتل سان پاڻي پيئارڻ جي ضرورت آهي ڇو جو ماءُ جي کير ۾ ٻار جي ضرورت مطابق پاڻي شامل هوندو آهي ۽ ٻار جون سڀ وڌندڙ ضرورتون پوريون ٿين ٿيون، صرف پنهنجي خوراڪ جو خيال رک، جيڪا تنهنجي ۽ ٻار جي صحت جي ضامن هوندي“ آمنه چيو.

”ڏس نه سعديه مون ته حامد جي ڄمڻ کان پوءِ وزن بلڪل ناهي وڌايو. سيني ڏاڍو چيو ته هن کي ٽن مهين کان نرم غذا شروع ڪراءِ پر آمنه جي هدايت تي مون هن کي ڇهن مهينن ۾ غذا ڏني. ماءُ جو کير پيئڻ ڪري ٻار کي صحيح نموني چٻاڙڻ ۽ ڳيهڻ به اچي وڃي ٿو. ماءُ جو کير پيئڻ وارو ٻار عام طرح صحتمند هوندو آهي. هن جا ڏند ۽ مهارون مضبوط هوندا آهن. حامد سوا سال جو آهي پر هو عامر کان اڳ ۾ ڳالهائڻ ۽ هلڻ لڳو آهي، اهو سڄو ڪمال ماءُ جي کير جو آهي“ تسنيم جي ڳالهين سان سعديه کي ڪجهه ڪجهه سمجهه اچڻ لڳي هن کي پنهنجي پٽ عامر جو خيال آيو جيڪو حامد کان ٻه مهينا وڏو هو پر بيمارين جي وري وري حملي هن کي ڪمزور ۽ سست ڪري ڇڏيو هو، هو اڃا تائين نرم غذا کائي ٿو. جڏهن ته حامد گجر ۽ صوف به چٻاڙي کائي وڃي ٿو.

تسنيم پنهنجي پٽ کي باٿ روم وٺي وڃڻ لاءِ اُٿي ته سعديه آمنه کان پڇيو ”ڇا تسنيم آپا جو پٽ ان ڪري گهڻو صحتمند آهي؟“

”تنهنجي ڀيڻ سچ ٿي چوي.“ آمنه جواب ڏنس. ”ماءُ جي کير جا پيا به ڪيترائي فائدا آهن. ماءُ ۽ ٻار وچ ۾ محبت وڌي ٿي، ٻهرئين کير ۾ قدرتي اميونٽي هوندي آهي، جيڪا ٻارن کي پيچش ۽ ساهه جي عام بيمارين کان بچائي ٿي، ڇو جو هي ڏڌي جي کير جي مقابلي ۾ سولائيءَ سان هضم ٿئي ٿو. ان ڪري تنهنجي ڌيءَ جو هاضمو به درست رهندو. هڪ دلچسپ ڳالهه اها آهي ته ماءُ جي کير ۾ اهڙيون قدرتي چربيون هجن ٿيون جيڪي ٻار کي وڌيڪ ذهين بڻائڻ ٿيون.“

ايتري ۾ سعديه جو مڙس فارمولا کير ۽ کير پيئارڻ جي ٻين شين سميت اتي پهتو ته زال کي کير ڏارائيندي ڏسي حيران ٿي ويو، ايتري ۾ تسنيم به موٽي آئي.

”شڪر آهي ادي اوهان جلدي اچي ويون پر هي ڇا؟ مان ته ڌيءَ لاءِ فيڊر ۽ کير وٺي آيو آهيان ۽ هي پنهنجو کير پئي پيئاري.“

”بس پوءِ انهن سيني شين کي واپس ڪري ڇڏ.“ تسنيم رعب سان چيو. ”۽ ڪو فروٽ وٺي اچ ڇو جو منهنجي ڀيڻ ٻيهر اها غلطي ڪونه ڪندي.“

”آپا سچ ته چوي ٿي. ڏس نه حامد صرف انهن جو ئي کير پيتو آهي ۽ هو عامر کان ڪيترو وڌيڪ صحتمند آهي. ماءُ ڌيءُ کي ان غلطيءَ جو شڪار نٿي ڪرڻ چاهيان. آمنه ڀيڻ مونکي ماءُ جي کير جا ايترا فائدا ٻڌايا آهن جو مان هاڻي صرف انهن جي ئي هدايت تي عمل ڪندس.“

”ادا راشد! ماءُ جي کير جا ڪيترائي معاشي فائدا به آهن. ڏڌي ۽ فيڊر جي قيمت ۾ اوهان هڪ هفتي جو راشن وٺي سگهو ٿا. ان ڪانسواءِ بوتل جي کير پيئڻ وارن ٻارن کي ماءُ جو کير پيئندڙ ٻارن جي نسبت دست ۽ الٽين ٿيڻ جا 14 دفعا وڌيڪ چانس هوندا آهن. انهن بيمارين سان معصوم جانين کي ٿيندڙ تڪليف ئي نه پر انهن تي ٿيندڙ خرچ جو ئي حساب لڳايو.“ آمنه اهو چوندي پنهنجي بيگ مان صحت بابت رسالي جو هڪ پرچو ڪڍي ڏنو.

”ان کان سواءِ ماءُ جو کير پيئڻ وارن ٻارن تي الرجيءَ جا اثر گهٽ ٿين ٿا. بيمارين لاءِ دوائن جا خرچ، ڊاڪٽرن جون فيون ۽ ميڊيڪل ٽيسٽن جي خرچ ۾ گهٽتائي ۽ نين بوتلن، نپل ۽ چوسڻين، صابڻ ۽ برش مان چوٽڪارو ۽ انهن کي ڌوئڻ، اُٻارڻ ۽ صاف رکڻ تي خرچ ٿيندڙ توانائي ۽ وقت جي بچت. اهي ثابت ڪن ٿا ته ماءُ جي کير جي فائدن جي لسٽ ڊگهي آهي.“ آمنه جي ڳالهين ۾ مزاح سان گڏوگڏ هڪ سنجيده تلقين به هئي جن تي راشد غور ڪرڻ لڳو.

”اوهان ٻئي سعديه کي سمجهائي ڇڏيو ته هن کي ٻار کي ڪيئن کير پيئارڻو آهي. ائين نه ٿئي جو اوهان جي وڃڻ کان پوءِ ٽي ويءَ جي اشتهارن ۽ ٻين عورتن جي چوڻ ۾ اچي وڃي.“

ايتري ۾ حامد ۽ عامر پاڻ ۾ کيڏڻ لڳا. ٻنهي جي صحت ۾ فرق صاف ظاهر هو. ”ڪاش! مون به عامر کي پنهنجو کير پيئاريو هجي ها ته اڄ اهو به حامد وانگر صحتمند ۽ چالاڪ چست هجي ها.“ سعديه جو آواز ڀرجي آيو.

”فڪر نه ڪر ادي هن جي بوتل ڇڏرائي ڪوپ لڳائيندينءَ ته اڏ مشڪلون ختم ٿي وينديون. تسنيم ڀيڻ کي حوصلو ڏنو. ”ڪجهه ڏينهن لاءِ هن کي مون وٽ موڪل، اهڙي طرح توکي آرام به ملي ويندو ۽ ٿي سگهي ٿو حامد کي ڏسي ڏسي عامر پاڻ ئي کائڻ به سکي وٺي.“ تسنيم تسلي ڏني.

”بس اهو ياد رک ته ٽي وي ۽ اخبارن ۾ ڏڌي جي کير، فيڊر ۽ چوسڻين جا اشتهار صنعتون

# WAIJ MEDIA WATCH

# ويج ميڊيا واچ

## سهيڙيندڙ ۽ سنڌيڪار: ڊاڪٽر افتخار راهوجو

**صحت ۽ ان سان متعلق مختلف ميڊيا تي شايع ۽ نشر ٿيندڙ خبرن ۽ رپورٽن جي ڪليڪشن**

**1. ڏگهو آپريشن:**

هي آپريشن شڪاگو الينوئس آمريڪا ۾ ٿيو هو. جنهن ۾ ڪل 96 ڪلاڪ لڳا هئا. هي آپريشن هڪ عورت مسز جرٽريوڊ ليوانڊوسڪي جي هڪ اوورين سسٽ ( Ovarian Cyst) کي ڪيڻ لاءِ ڪيو ويو. هي 4 فيبروري کان 8 فيبروري 1951ع تائين هليو ۽ ليوانڊوسڪي جو وزن آپريشن کان پوءِ 616 پائونڊن مان ڪري 308 پائونڊ وڃي بيٺو.

*(گنيز بڪ آف ورلڊ رڪارڊ 2001ع)*

**2. ننڍي ۾ ننڍو ٻار جنهن کي ڌاريو عضوو لڳايو ويو:**

8 نومبر 1996ع تي چيني ٻائل نالي هڪ ٻار کي جيڪو صرف هڪ ڪلاڪ اڳ ڄائو هو. جيڪسن چلڊرين هاسپيٽل ميامي فلوريڊا آمريڪا ۾ هڪ نئين دل لڳائي نئين زندگي ڏني وئي، هو سڀ کان گهٽ عمر وارو مريض هو. جنهن کي دل جي پيوندڪاري ڪئي وئي.

*(گنيز بڪ آف ورلڊ رڪارڊ 2001ع)*

**3. ڪافي پيئڻ سان پتي جي پٿريءَ جو خطرو گهٽجي ٿو:**

45000 ڪافي پيئندڙن جي مطالعي مان اها ڳالهه ثابت ٿي آهي ته ڏينهن ۾ ٻه يا ٽي پيالا يا ڪوپ ڪافي پيئندڙن ۾ پتي جي پٿريءَ ۾ مبتلا ٿيڻ جو خطرو 45 سيڪڙو گهٽجيو وڃي پر ڪيفين پيل پيا مشروب چانهه ۽ ڪولا مشروب وغيره پيئڻ سان اهو فائدو ڪونه ٿو ملي ان جو صحيح ڪارڻ معلوم ڪرڻ لاءِ ڪوشش جاري آهي.

*(همدرد صحت)*

**4. ننڍين ڇوڪرين ۾ ڇاتي جو ڪينسر:**

عام طرح سان ڇاتي جو ڪينسر 25 کان 30 سالن جي عمر ۾ گهڻو ٿيندو آهي پر طبي تحقيق مطابق هاڻي ان ڳالهه جون شاهديون ملي رهيون آهن ته هي مرض تيرنهن چوڏهن سالن جي ننڍين ڇوڪرين ۾ به ٿي وڃي ٿو. ڊاڪٽر ان سلسلي ۾ وڌيڪ ڪا وضاحت پيش ڪري نه سگهيا آهن پر مطالعي مطابق جيڪي ڇوڪريون 10 سالن جي عمر ۾ تمام سنهڙيون هجن ٿيون ۽ بالغ ٿيڻ وقت تيزي سان وڌن ٿيون انهن ۾ اهو خطرو گهڻو هوندو آهي، ان جو علاج صرف اهو آهي جو ان عمر ۾ ڇوڪريون صحيح قسم جي خوراڪ کائن ۽ باقاعدگيءَ سان ورزش ڪن.

*(مطالعاتي رپورٽ)*

**5. سڀ کان گهٽ عرصي ۾ ڄاول ٻار:**

20 مئي 1987ع تي (اوٽاوا) اينٽاريو ڪينيڊا ۾ برينڊا ۽ جيمز گل کي هڪ پٽ ڄائو جيڪو 128 ڏينهن جو هو. هن جو وزن ڏيڍ پائونڊ هو. اهو دنيا ۾ سڀني کان وڌيڪ ڪچو يا پري ميچوئر ٻار هو.

*(گنيز بڪ آف ورلڊ رڪارڊ 2001ع)*

**6. سڀ کان اول دل جي پيوند ڪاري:**

دنيا ۾ سڀ کان اول ڌاري دل گروٽ شيور اسپتال ڪيپ ٽائون (سائوٿ آفريڪا) ۾ 3 ڊسمبر 1967ع تي لڳائي وئي، اها دل جنهن ٽيم لڳائي ان جي اڳواڻي پروفيسر ڪرسچين بارنرڊ ڪئي. اها دل 55 سال عمر واري مريض لوئس واشڪانشي کي لڳائي وئي جيڪو آپريشن کان پوءِ 18 ڏينهن زنده رهيو.

*(گنيز بڪ آف ورلڊ رڪارڊ 2001ع)*

**7. سڀ کان پوڙهي ماءُ:**

ويٽربو (اٽليءَ) جي روسانا ڊالاڪورٽا سڀ کان پهرئين عمر ۾ ٿيندڙ ماءُ رپورٽ ڪئي وئي آهي. ان 63 ورهين جي عمر ۾ جولاءِ 1994ع ۾ هڪ پٽ کي جنم ڏنو. ان ڪانسواءِ آرسيليڪيهه پڻ 63 سالن جي هئي. جڏهن هن 1996ع ۾ يونيورسٽي آف ڪيليفورنيا آمريڪا ۾ هڪ ٻار کي جنم ڏنو.

*(گنيز بڪ آف ورلڊ رڪارڊ 2001ع)*

**8. ڇاتيءَ جي ڪينسر کي گهٽائڻ واري غذا:**

ڪيليفورنيا يونيورسٽي جي جانس ڪينسر سينٽر جي هڪ تازي رپورٽ موجب جاپاني خوراڪ (جيڪا مڇي جي تيل، سبزين، سويابين سان ٺهيل شين تي ٻڌل آهي) عورتن ۾ ڇاتي جي ڪينسر کي گهٽائڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. ان کان اڳ ڪيل تحقيقن مان پتو پيو هو ته گهٽ سٽيين خوراڪن سان ڪ نسر جي خطري ۾ ڪمي ٿئي ٿي پر موجوده تحقيق سان مڇين جو تيل استعمال ڪرڻ جا فائدا سامهون آيا آهن. ان تحقيق جي سينيئر ليکڪ ڊاڪٽر جان گلاسپي چيو آهي ته آمريڪا عورتن جي خوراڪ کي به ايشيائي ۽ يورپي عورتن جي خوراڪ وانگر ڪرڻ سان گهربل نتيجا ملندا ڇو جو اسان وٽ هاڻي ان ڳالهه جون پڪيون شاهديون موجود آهن.

*(هڪ آمريڪي اخبار)*

ڳالهين ڳالهين ۾ انهيءَ ڳالهه جي وضاحت به ڪئي ته جڏهن ڊاڪٽر ڪونه هوندو آهي ته سندس پٽ جيڪو پڻ ڊاڪٽر آهي. علاج ڪندو آهي.

ڊاڪٽر جو پٽ به ڊاڪٽر آهي اهو ٻڌي ڏاڍي خوشي ٿي جو هڪ ئي خاندان جا ماڻهو صحت جي ميدان ۾ خدمت انجام ڏيئي ڊاڪٽر جي مقام کي اوچو ڪري رهيا آهن. هن جهوني چيو ته پٽ تون ويهه مان ڊاڪٽر کي سڏي ٿو اچان. وڌيڪ ڳالهه ٻولهه تون ان سان ڪجانءِ.

ذهن ۾ ڪيترائي سوال اُٿل پُٿل ڪري رهيا هئا ته ڊاڪٽر جو گيٽ اَپ ڪهڙو هوندو. اڃا سوچ ۾ ويٺو هوس ته سامهون هڪ ٻيو جهونو مون ڏانهن ايندو نظر آيو. هن جهوني کي ڳوڙ جي مٿان ڦاٽل اڇي رنگ جي گنجي پاتل هئي. پيرن ۾ هڪ زخم هئس، جنهن مان رت وهي رهيو هئس. پيرن ۾ ڪابه جتي ڪونه پاتل هئس. چيومانس ته چاچا پيرن ۾ جتي ڇو ڪونه ٿا پايو؟ ته چيائين ته اسان ٿري ماڻهو واري جا پٽ آهيون. انهيءَ ڪري اسان کي جتي پائڻ جي ڪا ضرورت ڪونه آهي.

انهيءَ جهوني مون کان پڇيو ته پٽ تون ڪير آهين؟

**هن جهوني ڪلندي چيو ته پٽ جنهن ڊاڪٽر جو انتظار ڪري رهيو آهين اهو مان آهيان. هن جو پنهنجو پاڻ کي ڊاڪٽر چوڻ ۽ منهنجو ڊاڪٽر بابت ناهيل خاڪي جو ٽٽڻ هڪ يادگار حادثو آهي. اوهان پاڻ اندازو لڳائي سگهو ٿا ته جيڪو ڊاڪٽر زخم مان وهندڙ رت کي ڏسي ڪنهن علاج ڪرڻ بدران الٽو اهو چئي ته اسين واري جا پٽ آهيون. اسان کي اهي ننڍڙا ننڍڙا زخم ڪجهه ڪونه ڪندا آهن. ته پوءِ انهيءَ جي ڊاڪٽر ٿيڻ تي شڪ اجايو ڪونه آهي؟**

تعارف ڪرائڻ کان پوءِ پڇيومانس ته چاچو مصري ڊاڪٽر صاحب کي ڏسڻ ويو هو. جيڪو اڃا ڪونهي آيو. تنهن جو انتظار ڪري رهيو آهيان.

هن جهوني ڪلندي چيو ته پٽ جنهن ڊاڪٽر جو انتظار ڪري رهيو آهين اهو مان آهيان. هن جو پنهنجو پاڻ کي ڊاڪٽر چوڻ ۽ منهنجو ڊاڪٽر بابت ناهيل خاڪي جو ٽٽڻ هڪ يادگار حادثو آهي. اوهان پاڻ اندازو لڳائي سگهو ٿا ته جيڪو ڊاڪٽر زخم مان وهندڙ رت کي ڏسي ڪنهن علاج ڪرڻ بدران الٽو اهو چئي ته اسين واري جا پٽ آهيون. اسان کي اهي ننڍڙا ننڍڙا زخم ڪجهه ڪونه ڪندا آهن. ته پوءِ انهيءَ جي ڊاڪٽر ٿيڻ تي شڪ اجايو ڪونه آهي؟

هن جهوني مڙس سان ڳالهائيندي وڌيڪ پڇيومانس ته بقول ڳوٺ واسين جي ته اوهين ڊاڪٽر آهيو. ڀلا ٻڌايو ته ڪيتري عرصي کان انهيءَ فرض سان لاڳاپيل آهيو ۽ اهو ته ڪا ڊگري اٿئو يا ايئن ئي ڪم هلايو پيا. تنهن تي منهن ۾ گهنج پائيندي چيائين ته صاحب پندرنهن ويهن سالن کان ڊاڪٽري ڪري رهيو آهيان. ڪو مذاق ڪونه آهي. مون وٽ مريض پري پري کان ايندا آهن ۽ بارڊر تائين ماڻهو سڃاڻيندا آهن. خدا شفا ڏني آهي، تون ڪهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين ته ڊگري اٿئي يا نه. مريضن سان گڏجي حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ويندو هوس. ايترا پيرا اچ وڃ ڪيم جو ڊاڪٽرن جي نسخن کي سمجهڻ لڳس ۽ بسم الله ڪري مريض تي آزمائڻ شروع ڪيم ۽ اڄ تائين آزمائي رهيو آهيان. شفا ڏيڻ واري ذات خدا پاڪ جي آهي، باقي اسين فقير ماڻهو آهيون. ڪنهن کي ڏکايون ڪينَ ۽ ٻيو اهو ته اهو فن پنهنجي پٽ کي سيکاري ڇڏيو اٿم. جيڪو پڻ ڊاڪٽر ٿي ويو آهي ۽ مريض جي علاج ۾ دلچسپي وٺندو آهي. انجيڪشن، گوريون، يوناني ۽ حڪمت سڀئي فن ڄاڻون ٿا.

هن جهوني جون ڳالهيون ٻڌندو رهيس ۽ تعجب به پڻ ٿيندو رهيو ته هڪ عطائي ڪيئن نه شاندار نموني سان قانون جي ڀڃڪڙي ڪندي اطمينان سان ٻين جي زندگي سان هٿ چراند ڪري ٿو ۽ ذاتي انا ۾ ايترو ته خودسر آهي جو داٻو ويهارڻ لاءِ بارڊر تائين مشهوري جي ڳالهه پڻ ڪري ٿو. دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته انهيءَ جهوني جي علاج بابت ڪنهن ٻئي ڳوٺ مان ماڻهن کان پڇجي ته ڇا واقعي ائين آهي جو هيءَ اهڙو علاج ڪندو آهي جو پري پري کان مريض هن وٽ اچن ٿا ۽ شفا ماڻين ٿا.

هن جهوني مڙس کان موڪلائي پر واري ٻئي ڳوٺ پهتس جيڪو 3 ڪلوميٽر پري

**هن جهوني جون ڳالهيون ٻڌندو رهيس ۽ تعجب به پڻ ٿيندو رهيو ته هڪ عطائي ڪيئن نه شاندار نموني سان قانون جي ڀڃڪڙي ڪندي اطمينان سان ٻين جي زندگي سان هٿ چراند ڪري ٿو ۽ ذاتي انا ۾ ايترو ته خودسر آهي جو داٻو ويهارڻ لاءِ بارڊر تائين مشهوري جي ڳالهه پڻ ڪري ٿو. دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته انهيءَ جهوني جي علاج بابت ڪنهن ٻئي ڳوٺ مان ماڻهن کان پڇجي ته ڇا واقعي ائين آهي جو هيءَ اهڙو علاج ڪندو آهي جو پري پري کان مريض هن وٽ اچن ٿا ۽ شفا ماڻين ٿا.**

# ويڄ انفارميشن سيل

ڊاڪٽر افتخار راهوجو

## اوهان جي ذهن ۾ اٿندڙ سوين سوالن ۽ مونجهارن جا حل ۽ حقيقتون سائنسي روشنيءَ ۾

**1. ڇا ماکيءَ جي مک ڏنگ هڻڻ کان پوءِ مري ٿي وڃي:**

جي ها گهڻو ڪري ماکيءَ جون مکيون ڏنگ هڻڻ سان مري وڃن. ان جو سبب اهو آهي جو انهن جو ڏنگ ڏنگو يعنيٰ ’مُڪ نما‘ ٿئي ۽ ماڻهوءَ جي جسم ۾ گهڙڻ کان پوءِ واپس نٿو نڪري ۽ ان سان گڏ ئي مک جي جسم جا نرم حصا به ٻاهر پٽجي اچن ٿا، جنهن جو نقصان جلد مک کي موت جي صورت ۾ ڀرڻو پوي ٿو. البت ملڪ مک ڏنگ هڻڻ سان نٿي مري ڇو جو ان جو ڏنگ نرم ۽ ملائم هوندو آهي پر ان کان ٻڇڻ جي ضرورت ناهي جو اها صرف ٻين ملڪ مکين کي ئي ڏنگ هڻي ٿي.

**2. ڇا نانگ تري سگهندو آهي:**

جي ها نانگ بلڪل تري سگهندو آهي. پاڻيءَ ۾ رهڻ وارا نانگ ته تيراڪ هوندا آهن پر خشڪيءَ تي رهڻ وارا نانگ به جيڪڏهن پاڻيءَ ۾ ڪري پون ته ڪافي مفاصلي تائين تري سگهندا آهن البت پاڻي ۾ گهڻو وقت رهڻ انهن لاءِ ڏکيو آهي. نانگ پنهنجي مشڪن ذريعي جسم کي اڳتي حرڪت ڏيندو آهي، اڪثر نانگ ترڻ وقت پنهنجي منڍي ٻاهر ڪيندا آهن ۽ ه ' مان آڪسيجن ڪٽندا آهن پر هو گهڻي دير تائين ساهه روڪي به پاڻي ۾ رهي سگهندا آهن.

**3. بدڪ جا پر پاڻي ۾ آلا ڇو نٿا ٿين:**



بدڪ ڀلي ڪيتري وقت تائين پاڻيءَ ۾ ترندي رهي پر ان جا پر آلا نٿا ٿين ڇو ته ان جي پرن تي تيل جهڙو هڪ ته چڙهيل آهي. جنهن ڪري اهي واٽر پروف ٿيو وڃن. بدڪ جي پڇ وٽ تيل ناهڻ وارا غدود هوندا آهن. بدڪ پنهنجي چهنب جي مدد سان انهن غدودن مان تيل ڪڍي سڄي پرن تي پکيڙي ڇڏي ٿي.

**4. سج ڇو ٿو چمڪي:**

پراڻي زماني جي ماڻهن جو خيال هو ته سج ان ڪري چمڪندڙ نظر ٿو اچي جو اتي هڪ باهه جو وڏو اڙاهه ٻري ٿو جيڪو سوين سالن کان اسان کي روشني ۽ گرمي ڏئي ٿو پر سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته سوين سالن تائين سڙڻ کان پوءِ آخر ان جي گرمي گهٽ ڇو نٿي ٿئي. حالانڪ اهو طئي آهي ته ڪا به شيءِ جيڪڏهن ٿوري دير ٻرندي رهي ته خاڪ ٿيو وڃي ته پوءِ سج ڇو مسلسل ٻرندو رهي ٿو. سائنسدان چون ٿا ته سج جي گرمي سڙڻ جي عمل جو نتيجو ناهي بلڪ اها گرمي ۽ روشني ان عمل ڪري پيدا ٿئي ٿي جيڪو ايٽم بم جي ڌماڪي جو ڪارڻ به بڻبو آهي يعنيٰ سج مادي کي توانائيءَ ۾ تبديل ڪري ٿو جنهن جي نتيجي ۾ بي پناهه گرمي پيدا ٿئي ٿي اهو عمل سڙڻ جي عمل کان مختلف آهي. سڙڻ جي عمل ۾ هر شيءِ هڪ شڪل مان ٻي شڪل ۾ تبديل ٿئي ٿي پر جڏهن مادو توانائي ۾ تبديل ٿئي ٿو ته مادي جي تمام ٿوري مقدار مان گهڻي مقدار ۾ توانائي پيدا ٿئي ٿي. مثال 28 گرام مادي جي توانائي ۾ تبديل ٿيڻ سان ايتري گرمي پيدا ٿئي ٿي جنهن سان 10 لک ٽن وزن جبل رجي لائو بڻجي سگهي ٿو. انڪري سج جي چمڪ ان ڪري آهي جو هو مادي کي مسلسل توانائي ۾ تبديل ڪندو رهي ٿو. سج جو هڪ سيڪڙو حصو ان عمل سان ايتري توانائي فراهم ڪري ٿو جيڪا سج کي 15 هزار سالن تائين گرم رکي سگهي ٿي.

**5. سمنڊ جو پاڻي زمين ۾ ڇو نٿو وڃي:**

سمنڊ جي تهه واٽر پروف هوندي آهي. اها تهه سٽيي مٽي يا واٽر ٽائيٽ چٽانن سان ٺهي ٿي، اهو ئي سبب آهي جو ان مان پاڻي وڌيڪ هيٺ نٿو وڃي سگهي.

# ٽيبل 6

| ڄم روڪ طريقا جيڪي ڪڏهن بہ آزمايا ويا | شادي شده عورتون (جواب ڏنو) تعداد 41 | شادي شده مردن (جواب ڏنو) تعداد 46 | ٽوٽل (جواب ڏيندڙ) تعداد 87 |
|---|---|---|---|
| ڄمر روڪ گوريون | 04  09 .76 سيڪڙو | 8  17 .39 سيڪڙو | 12  13 .79 سيڪڙو |
| انجيڪٽيبل (ٽڪا) | 3  7 .32 سيڪڙو | .............. | 3  3 .45 سيڪڙو |
| سب ڊرمل املانٽ | 01  2 .44 سيڪڙو | ................ | 01  1 .15 سيڪڙو |
| آءِ يو سي ڊي ايس | 11  26 .83 سيڪڙو | 5  10 .87 سيڪڙو | 16  18 .39 سيڪڙو |
| مرداڻہ ڪنڊوم | 06  14 .63 سيڪڙو | 28  60. 87 سيڪڙو | 34  39 .08 سيڪڙو |
| ڪئائٽس انٽرپٽس | 01  02 .44 سيڪڙو | 10  21 .74 سيڪڙو | 11  12 .64 سيڪڙو |
| سيف پيريڊ / ردمر پيريڊ | 01  02 .44 سيڪڙو | 7  15 .22 سيڪڙو | 8  9 .20 سيڪڙو |
| ليڪٽيشنل ايمنوريا | 01  02 .44 سيڪڙو | ............ | 01  1 .15 سيڪڙو |
| ڪمپليٽ ايبسٽينينس | 01  02 .44 سيڪڙو | ............. | 01  1 .15 سيڪڙو |
| عورت جو آپريشن | 6  14 .63 سيڪڙو | 01  2 .17 سيڪڙو | 07  8 .05 سيڪڙو |
| نس بندي | 11  26 .83 سيڪڙو | 07  15 .22 سيڪڙو | 18  20 .69 سيڪڙو |
| هسٽريڪٽومي | 2  40 .88 سيڪڙو | 01  2 .17 سيڪڙو | 03  3 .45 سيڪڙو |
| ويزيڪٽومي | ................. | ................. | ............... |

نوٽ: سيڪڙو ٽيبل جي مٿان خانن ۾ ڏنل تعداد جي حساب سان آهي.

ڪيترو عرصو آزمايا ويا تہ 30 ڇڻن يا ڇڻين جو جواب هو هڪ سال يا ان کان گهٽ عرصو سڀني جي ڏنل مختلف جوابن لاءِ ڏسو ٽيبل-7

ٽيبل 7

| استعمال ڪرڻ جو عرصو | عورتن جواب ڏنو (ڪل 41تعداد) | مردن جواب ڏنو (ڪل تعداد 46) | ٽوٽل جواب ڏيندڙ شادي شده ( ڪل تعداد 87) |
|---|---|---|---|
| 3 مهينن کان مٿي | 4 9.76 سيڪڙو | 6 13.04 سيڪڙو | 10 11.49 سيڪڙو |
| 6 مهينا | 1 2.44 سيڪڙو | 4 8.70 سيڪڙو | 5 5.75 سيڪڙو |
| هڪ سال | 8 19.51 سيڪڙو | 7 15.22 سيڪڙو | 15 17.24 سيڪڙو |
| 2 سال | 4 9.76 سيڪڙو | 8 17.39 سيڪڙو | 12 13.79 سيڪڙو |
| 3 سال | 7 17.07 سيڪڙو | 9 19.57 سيڪڙو | 16 18.31 سيڪڙو |
| 4 سال | 6 14.63 سيڪڙو | 2 4.35 سيڪڙو | 8 9.20 سيڪڙو |
| 5 سال | 2 4.88 سيڪڙو | 1 2.17 سيڪڙو | 3 3.45 سيڪڙو |
| 6 سال | 3 7.32 سيڪڙو | 3 6.52 سيڪڙو | 6 6.90 سيڪڙو |
| 7 سال | 4 9.76 سيڪڙو | 4 8.70 سيڪڙو | 8 9.20 سيڪڙو |
| 8 سال | 1 2.44 سيڪڙو | 4 8.70 سيڪڙو | 5 5.75 سيڪڙو |
| 9 سال | 1 2.44 سيڪڙو | 2 4.35 سيڪڙو | 3 3.45 سيڪڙو |
| 10 سال | 2 4.88 سيڪڙو | 1 2.17 سيڪڙو | 3 3.45 سيڪڙو |
| 11 سال | 2 4.88 سيڪڙو | 2 4.35 سيڪڙو | 4 4.60 سيڪڙو |
| 12 سال | 2 4.88 سيڪڙو | 3 6.52 سيڪڙو | 5 5.75 سيڪڙو |
| 13 سال | ........... | 2 4.35 سيڪڙو | 2 2.30 سيڪڙو |
| 14 سال | ........... | ........... | ............. |
| 15 سال | 2 4.88 سيڪڙو | 2 4.35 سيڪڙو | 4 4.60 سيڪڙو |
| 16 سال | ........... | 1 2.17 سيڪڙو | 1 1.15 سيڪڙو |
| 17 سال | ........... | ........ | ........... |
| 18 سال | ........... | 1 2.17 سيڪڙو | 1 1.15 سيڪڙو |
| 19 سال | ........... | 1 2.17 سيڪڙو | 1 1.15 سيڪڙو |
| 20 سال | ........... | ........... | ............... |
| 21 سال | ........... | ........... | ............... |
| 22 سال | 1 2.44 سيڪڙو | ........... | 1 1.15 سيڪڙو |

اسان جو نائون سوال هو ته

## جيڪي طريقا اوهان آزمايا انهن جي ختم يا بند ڪرڻ جو ڪهڙو ڪارڻ هو؟

هن سوال جي جواب ۾ 87 ڄڻن يا ڄڻين مان 19 چيو ته ان ڪري جو ڪين ٻيا ٻار ڄڻڻا هئا. جڏهن ته 52 ڄڻن جواب ڏنو ته هنن آزمايل طريقا ختم يا بند نه ڪيا آهن. وڌيڪ تفصيل لاءِ هي ٽيبل-8 ڏسو.

### ٽيبل 8

| طريقا ختم يا بند ڪرڻ جا ڪارڻ | عورتن جواب ڏنو (ڪل 41) | | مردن جواب ڏنو (ڪل 46) | | ٽوٽل جواب ڏيندڙ شادي شده (ڪل 87) | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ماهواري ڊسٽرب ٿيڻ ڪري | 5 | 12.20 سيڪڙو | 1 | 2.17 سيڪڙو | 6 | 6.90 سيڪڙو |
| مينوپاز (سنيجڻ واري عمر تي پهچڻ ڪري) | 3 | 7.32 سيڪڙو | | ........... | 3 | 3.45 سيڪڙو |
| آپريشن جا مونجهارا پيدا ٿيڻ ڪري | 1 | 2.44 سيڪڙو | | ........... | 1 | 1.15 سيڪڙو |
| اريٽيشن (خارش يا ٻيو ري ايڪشن ٿيڻ ڪري) | 1 | 2.44 سيڪڙو | | ........... | 1 | 1.15 سيڪڙو |
| اوڊيما (سوڄ يا ٽوٽر ٿيڻ ڪري) | 1 | 2.44 سيڪڙو | | ........... | 1 | 1.15 سيڪڙو |
| ايبارشن (ٻار ضايع ٿي وڃڻ ڪري) | 1 | 2.44 سيڪڙو | | ........... | 1 | 1.15 سيڪڙو |
| استعمال ۾ ڏکيائي ڪري | 1 | 2.44 سيڪڙو | 1 | 2.17 سيڪڙو | 2 | 2.30 سيڪڙو |
| هائپرٽينشن (بلڊ پريشر) | 1 | 2.44 سيڪڙو | | ........... | 1 | 1.15 سيڪڙو |
| وزن وڌي وڃڻ ڪري | 1 | 2.44 سيڪڙو | | ........... | 1 | 1.15 سيڪڙو |
| IUCD جو جاءِ تان ڇڙي يا ڦري وڃڻ ڪري | 1 | 2.44 سيڪڙو | | ........... | 1 | 1.15 سيڪڙو |
| ٻاڻي پوڻ ڪري | 1 | 2.44 سيڪڙو | | ........... | 1 | 1.15 سيڪڙو |
| مستقل طريقي ۾ مٽائڻ ڪري | 1 | 2.44 سيڪڙو | 4 | 8.70 سيڪڙو | 5 | 5.75 سيڪڙو |
| ٻئي فريق جي چوڻ ڪري | 1 | 2.44 سيڪڙو | 2 | 4.35 سيڪڙو | 3 | 3.45 سيڪڙو |
| بعد ۾ هسٽريڪٽومي ڪئي وئي | 1 | 2.44 سيڪڙو | | ........... | 1 | 1.15 سيڪڙو |
| ڪو ٻيو عارضي طريقو اپنائڻ ڪري | | ........... | 1 | 2.17 سيڪڙو | 1 | 1.15 سيڪڙو |
| جنسي تسڪين نه ملڻ ڪري | | ........... | 3 | 6.52 سيڪڙو | 3 | 3.45 سيڪڙو |
| سٺي ڪوالٽي ڪنڊوم نه ملڻ ڪري | | ........... | 1 | 2.17 سيڪڙو | 1 | 1.15 سيڪڙو |
| غير محفوظ هجڻ ڪري | | ........... | 1 | 2.17 سيڪڙو | 1 | 1.15 سيڪڙو |
| ڄمر روڪ تي ڪو فرق نه پوڻ ڪري | | ........... | 2 | 4.35 سيڪڙو | 2 | 2.30 سيڪڙو |
| وڌيڪ ٻارن جي خواهش ڪري | 2 | 4.88 سيڪڙو | 17 | 36.96 سيڪڙو | 19 | 21.84 سيڪڙو |
| ڪو خاص سبب نه هو | | ........... | 3 | 6.52 سيڪڙو | 3 | 3.45 سيڪڙو |
| ختم يا بند نه ڪيو آهي | 25 | 60.98 سيڪڙو | 27 | 58.70 سيڪڙو | 52 | 59.77 سيڪڙو |

اسان ڏهون ۾ آخري سوال اهو پڇيو تہ:

## آخر ڇو روڪ طريقا نہ واپرائڻ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟

هي سوال انهن 113 ماڻهن کان ڪيو ويو جن اڳ ۾ چيو هو تہ هنن ڪڏهن بہ ڪو طريقو ناهي آزمايو ۾ هن سوال جو جواب ڏيندي 30 ڄڻن يا ڄڻين جيو تہ ان ڪري جو ڪين اڃا وڏيڪ ٻار گهربل آهن. جڏهن تہ 14 ڄڻن/ڄڻين جو چوڻ هو تہ انهن جي دؤر ۾ انهن طريقن بابت ڪين ڄاڻ نہ هئي. پر ان جا ٻيا بہ ڪيترا سبب سامهون آيا. اچو تہ هي ٽيبل-9 ڏسون.

# ٽيبل 9

| طريقا استعمال نہ ڪرڻ جا ڪارڻ | عورتن جواب ڏنو (ڪل 58) | | مردن جواب ڏنو (ڪل 55) | | ٽوٽل جواب ڏيندڙ شادي شده (ڪل 113) | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ڄاڻ نہ هجڻ ڪري | 10 | 16.95 سيڪڙو | 4 | 7.41 سيڪڙو | 14 | 12.39 سيڪڙو |
| قدرتي ڪم ۾ عمل دخل نہ ٿيڻ ڪرڻ چاهين | 3 | 5.08 سيڪڙو | 2 | 3.70 سيڪڙو | 5 | 4.42 سيڪڙو |
| انفرٽلٽي يا بنيادي طرح سنڍ هجڻ | 3 | 5.08 سيڪڙو | 6 | 11.11 سيڪڙو | 9 | 7.76 سيڪڙو |
| ڪنهن بيماريءَ ڪري سنڍ ٿي وڃڻ | 2 | 3.39 سيڪڙو | 1 | 1.85 سيڪڙو | 3 | 2.65 سيڪڙو |
| مينوپاز (ٻار ڄڻڻ جي عمر ختم ٿيڻ ڪري) | 1 | 1.69 سيڪڙو | ........... | | 1 | 0.88 سيڪڙو |
| طريقن کي پسند نہ ڪرڻ ڪري | 1 | 1.69 سيڪڙو | 4 | 7.41 سيڪڙو | 5 | 4.42 سيڪڙو |
| ضرورت ناهي | 2 | 3.39 سيڪڙو | 7 | 12.96 سيڪڙو | 9 | 7.96 سيڪڙو |
| تازو شادي ٿيڻ ڪري | 4 | 6.68 سيڪڙو | 10 | 18.52 سيڪڙو | 14 | 12.39 سيڪڙو |
| اڳ ۾ ئي قدرتي وقفو هجڻ ڪري | 6 | 10.17 سيڪڙو | 3 | 5.55 سيڪڙو | 9 | 7.96 سيڪڙو |
| گهڻن ٻارن جي ضرورت آهي | 18 | 30.51 سيڪڙو | 12 | 22.22 سيڪڙو | 30 | 26.55 سيڪڙو |
| ٽوٽل ايبسٽينينس فار لانگ پيريڊ | 2 | 3.39 سيڪڙو | ............. | | 2 | 1.77 سيڪڙو |
| بيمار ٿي پوڻ جي ڊپ کان | 2 | 3.39 سيڪڙو | .............. | | 2 | 1.77 سيڪڙو |
| پهرين ٻارن مان ڪجهہ مري وڃڻ ڪري | 1 | 1.69 سيڪڙو | .............. | | 1 | 0.88 سيڪڙو |
| قدرتي ٿورا ٻار هجڻ ڪري | 1 | 1.69 سيڪڙو | 2 | 3.70 سيڪڙو | 3 | 2.65 سيڪڙو |
| شگر يا ذيابيطس هجڻ ڪري | 1 | 1.69 سيڪڙو | ......... | | 1 | 0.88 سيڪڙو |
| مذهبي عقيدي ڪري | ........... | | 5 | 9.26 سيڪڙو | 5 | 4.42 سيڪڙو |
| گهڻن اڳرن اٿرن ڪري | ........... | | i | 1.85 سيڪڙو | 1 | 0.88 سيڪڙو |
| ان وقت اويليبل نہ هجڻ ڪري | ........... | | 2 | 3.70 سيڪڙو | 2 | 1.78 سيڪڙو |
| زال کي ڪو نقصان نہ ڏيڻ چاهيون | ........... | | 1 | 1.85 سيڪڙو | 1 | 0.88 سيڪڙو |
| ڳوٺن ۾ اويليبل ناهن | .......... | | 1 | 1.85 سيڪڙو | 1 | 0.88 سيڪڙو |
| خبر ناهي ڇو؟ | 1 | 1.69 سيڪڙو | ........... | | 1 | 0.88 سيڪڙو |

(نوٽ: سيڪڙو خانن جي مٿان ڏنل ڪل تعداد مان ڪڍيو ويو آهي.)

وڻن ويهن وٽ، جي سڪين تہ سڪعو ٿيين (شاھ)

ماهوار

**ويڄ**

ڪراچي

سنڌي ۾ صحت بابت پهريون رسالو

# جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا تہ:

- صحت جي سجاڳي آڻيندڙ سنڌي ٻولي جو هي نرالو رسالو ماهوار "ويڄ" باقاعدگي سان اوهان جي هٿن ۾ هر مهيني پهچي.
- ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ارتقا ۾ اوهان جو حصو شامل هجي.
- سنڌي ٻوليءَ ۾ جديد طبي اصطلاح پنهنجي جاءِ والاري رهن تہ پوءِ
- اڄ ئي ماهوار "ويڄ" جي سالياني خريداري جو ڪوپن ڀري موڪليو.
- ڪوپن سان گڏ سالياني خريداري جو چندو -/300 رپيا /ڇهہ ماهي خريداري جو چندو -/150 رپيا بئنڪ ڊرافٽ/چيڪ/مني آرڊر ذريعي موڪليو.
- سالياني خريداري جو چندو موڪلي اوهان ماهوار ويڄ پنهنجي دوستن ۽ پيارن کي سڄي سال لاءِ تحفي طور بہ موڪلي سگهو ٿا. اسان توهان جي دوست/عزيز کي رسالي موڪلڻ سان گڏ اهو اطلاع ڪنداسين تہ رسالو ڪنهن جي پاران تحفو ٿيل آهي.
- ڪوپن ۽ بئنڪ ڊرافٽ هيٺين پتي تي موڪليو.

**سرڪيوليشن مئنيجر ماهوار ويڄ ڪمرو نمبر 53، پهرين ماڙ، بلاڪ اي،معين اسٽيل مارڪيٽ، باباءِ اردو روڊ ڪراچي**

**نوٽ:سالياني فيءَ جي بدلي رسالي جا 2 +12پرچا موڪليا ويندا.**

# خريداري جو فارم

منهنجو/منهنجي دوست/عزيز جو نالو ماهوار "ويڄ" جي سالياني/ڇهہ ماهي خريدارن جي سٽ ۾ شامل ڪيو وڃي. مان سالياني/ڇهہ ماهي چندي جو بئنڪ ڊرافٽ ۽ پنهنجا/پنهنجي دوست/عزيز جا تفصيل هن فارم ۾شامل ڪري موڪليان پيو.

نالو (ذات سان گڏ):____________________

ائڊريس:____________________

____________________

شامل بئنڪ ڊرافٽ/چيڪ/مني آرڊر نمبر ____________________

صحيح ____________ تاريخ ____________

